# سماجي انصاف ۽ اجتماعيت

## امام شاھ ولي الله جي نظر ۾

*

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي

سنڌيڪار

مولانا محمد قاسم سومرو

*

ڪمپوزنگ

عبدالجبار شيخ

*

سنڌ سلامت ڪتاب گھر



www.sindhsalamat.com

سنڌ جا سڄڻو سلام .........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو **چوڏهون** ڪتاب **سماجي انصاف ۽ اجتماعيت** **امام شاهه ولي الله جي نظر ۾** حاضر آهي. هن ڪتاب جو ليکڪ **علامه غلام مصطفيٰ قاسمي** جڏهن ته سنڌيڪار **مولانا محمد قاسم سومرو** آهي.

اسين ٿورائتا آهيون اسلاميه سائنس ڪاليج سکر جي اسٽنٽ پروفيسر **محترم عبدالجبار شيخ** صاحب جا، جنهن هي ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساٿين وندن جي قيمتي مشورن، راين ، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.


**محمد سليمان وساڻ**

**مينيجنگ ايڊيٽر**

**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**

salamatsindh@gmail.com

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت ڪام

# انتساب

هن ڪتاب ۾ مصنف علامہ غلامہ مصطفيٰ قاسمي صاحب مدظلہ جي شاگرد رشيد قدوت السالڪين حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي نور الله مرقده المعروف "بزرگ پير وارن"جي نالي ....مترجم



www.sindhsalamat.com

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

## فرمان الاهي

**✷ وبالوالدين احسانا وبذي القربيٰ واليتٰمي والمساكين والجار ذي القربيٰ والجار الجنب والصاحب بالجنب وابن سبيل وما ملكت ايمانكم (النساءِ 36)**

ترجمو: ۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪريو ۽ مائٽن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ پاڙيسري مائٽ ۽ ڌارئي مائٽ ۽ پرسان رهڻ واري ۽ مسافر ۽ پنهنجي هٿ جي مال (غلام يا ٻانهي)سان ڀلائي ڪريو.

**✷وهديته النجدين وما ادراک مالعقبه فاک رقبه او اطعم في يوم ذي مسغبه يتيما ذا مقربه او مسکينا ذا مترب**

ترجمو:۽ اسان ( خير شر جا) ٻه شاهي رستا ڏيکاري ڇڏيا آهن پوءِ به هو همت ڪري سخت لک ۾ نه گهڙيوءِ(اي پيغمبر)توکي ڪهڙي خبر ته سخت لک ڇا آهي؟اهو غلام کي آزاد ڪرائڻو آهي يا بک جي ڏينهن کاڌو کارائڻو آهي.مٽي مائٽي واري يتيم کي يا مٽي ۾ رليل مسڪين کي(البلد 10 کان 16)

**✷واذا قيل لهم انفقوا مما رزقناکم الله قال الذين کفرو للذين آمنو انطعم من لو يشاءَ الله اطعمه ان انتم الا في ضلال مبين(ياسين 47)**

ترجمو:۽ جڏهن چيو ويندو آهي ته خرچ ڪريو ان مان جيڪو الله توهان کي رزق عطا ڪيو آهي ته اهي ماڻهو جن ڪفر اختيار ڪيو.ايمان وارن کي چوندا ته آهن ته اسان انهن کي کارايون جن کي الله گهري ها ته پاڻ ئي کارائي ها بيشڪ توهان ته پڌري گمراهي ۾ پيا آهيو.

**✷وفي اموالهم حق معلوم للسائل والمحروم(الذاريات 19)**

ترجمو:۽ سندن مال ملڪيت ۾ گهرندڙن توڙي نہ گهرندڙن (مسڪينن ۽ ضرورتمندن)جو حق آهي.

✷فان لم تفعلوا فاذنوا بحرب من الله ورسولہ(البقره 279)

ترجمو:پوءِ جيڪڏهن (وياج)نٿا ڇڏيو تہ پوءِ الله ۽ ان جي رسول جي طرفان توهان جي خلاف جنگ جو اعلان آهي.

سرور ڪائنات صلي الله عليو وسلم جن فرمايو

✷ڪنهن مسڪين رنڙ عورت ياڪنهن مسڪين ضرورتمند جي لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ وارو ﭝانهو (الله وٽ اجر ۽ ثواب ۾)الله جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ واري ﭝانهي وانگر آهي(بخاري مسلم).

✷سائل جو حق آهي توڙي جو اهو گهوڙي تي سوار ٿي اچي(ابو دائود)

✷سيئي ماڻهو انسانيت جي حقن ۾ برابر آهن(مشڪوات)

# مترجم طرفان

قران شريف ۾ الله تعالي فرمايو آهي تہ“اليوم اڪملت لڪم دينڪم واتممت عليڪم نعمتي ورضيت لڪم الاسلام دينا” ترجمو: مون دين اسلام ڪامل مڪمل ڪيو آهي ۽ دين اسلام هڪ ڪامل نعمت ۽ الله تعالي جي رضا حاصل ڪرڻ جو واحد ذريعو آهي .ان آيت مان ثابت ٿيو تہ دين اسلام هر طرف ڪان ڪامل مڪمل دين ۽ پورو پورو ضابطہ حيات آهي.ان ۾ اسلامي عقيدن ۽ نيڪ عملن جي سڪيا سان گڏ انسان جا معاملا يا تعلقات بہ پوري طرح سمجهايل آهن.

حضرت رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جو پاڪ فرمان آهي تہ “الدين نصيحہ”يعني دين اسلام خير خواهي وارو دين آهي.ان حديث مطابق تہ انسان ذات جي ڀلائي ۽ خير خواهي دين اسلام ئي سيکاري ٿو.پوءِ آخرت جي ڀلائي ۽ خير خواهي هجي يا دنيا جي ڀلائي.

انسانن جي پاڻ ۾ هڪ ٻئي وارن لاڳاپن ۾ اقتصادي (مالي) نظام يا ڏيتي ليتي وارو تعلق بہ هڪ لازمي حصو آهي.ان جي ڇنائي بہ دين اسلام ضرور ٻڌائي آهي.رڳو ٻڌائڻ نہ پر دين اسلام جي سيکاريندڙ آخري نبي حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن ۽ سندن جاءِ نشين خليفن سڀني تہ ان ماليات واري ضرورتن ۽ ان جي پورائي جو عملي نمونو پڻ ڏسيو ۽ ڪري ڏيکاريو آهي.هو حاڪم بہ هيا تہ روحاني ۽ مذهبي اڳواڻ بہ هيا.هو چاهن ها تہ عيش عشرت جي سامان ڪي پنهنجي لاءِ گڏ ڪرڻ ۾ ۽ دولت جي ڪٺي ڪرڻ ۾ حصو وٺي سگهن ها ۽ دنيا جي وڏن سرمائيدارن مان ٿي سگهن ها.پر اهڙو عمل هنن ڪي انسانيت جي نقصان ۾ نظر آيو.تڏهن هنن پنهنجي غربت ڪي پسند ڪيو ۽ ميڙڻ بدران تقسيم دولت ڪي هنن ضروري سمجهيو.

نہ رڳو ايترو پر حضرت رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن تہ اهڙي سنت ڪي زنده رکڻ لاءِ تاڪيد بہ ڪيو آهي ۽ فرمايو اٿن تہ “جڏهن توهان ڪي ماڻهن ۾ اختلاف نظر اچي تہ ان وقت توهان حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم ۽ سندن خليفن سڀني جي سنت جي پيروي ڪجو ۽ مضبوطي سان ان طريقي تي رهجو.

هن دور ۾ جڏهن تہ ڪيترا عالم سڀورا سرمائيداري يا جاگيرداريءَ جهڙن مهلڪ مرضن ڪ بہ دين اسلام مان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ ٻيا عالم سڀورا انهن جي مخالفت ۾ پاڻ پتوڙين ٿا تہ انهن عالمن جي اختلاف جي وقت مسلمانن تي لازم آهي تہ

حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن ۽ سندن خليفن جي سنت ڪي اپنائي دولت ڪي ورهائن جيئن حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن سندن خليفن عملي طرح ورهايو.

جنهن دور مان اسين گذري رهيا آهيون اهو بہ ڪو گهٽ فتني وارو دور نہ آهي.انسان ۾ فرقہ پرستي يا اوچ نيچ جو هي حال آهي جو هڪڙن جي تجوڙين جون ڪنجيون وڏي جماعت کڻي هلي ٿي تہ ٻئي طرف دنيا جي ڪيترن علائقن ۾ بکن ۾ بيحال ٿي هزارين ماڻهو مري رهيا آهن.

اهو ئي سبب آهي جو اسان جو نوجوان طبقو ان قسم جي غلط روش ڪي ڏسي دين اسلام کان بدظن ٿي ٿو وڃي.

اهڙي فتني واري دور بابت بہ رسول صلي الله عليہ وسلم جن ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ "جنهن فتني واري دور ۾ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي سنت ڪي جياريو ان جڻ هڪ سو شهيدن جو اجرحاصل ڪيو. جڏهن تہ هن دور ۾ انسان ۾ غريبي ،اميري ،مسڪيني ۽ تونگري جي تفاوت هٽي هيڏا هاجا ڪري ڇڏيا آهن تہ علماء امت جي ذميواري آهي تہ ان جو اهڙو علاج دين اسلام مطابق کولي ٻڌائين جنهن سان ايڏو وڏو فرق مٽجي انسان ۾ ڪنهن طرح جي برابري قائم ٿي سگهي پر افسوس جو ان ڏس ۾ تمام ٿورن عالمن سڳورن ڪجهہ لکيو آهي.

حضرت مولانا استاد سائين غلام مصطفي صاحب قاسمي جن جو ڪتاب اردو ۾ لکيل "سماجی انصاف اور اجتماعیت شاہ ولی اللہ کی نظر میں" ان موضوع تي لکيل مون ڪي نظر آيو.دل گهريو تہ هن جو سنڌي ترجمو ڪجي جيئن اسان جا سنڌي پائر جيڪي پوري طرح اردو نٿا ڄاڻن مذڪوره ڪتاب مان فائدو حاصل ڪري سگهن.مون ترجمو ڪندي وت آهر ڪوشش ڪئي آهي تہ جيئن سولي سنڌي ۾ ترجمو ٿئي.پر جيئن تہ ڪتاب ۾ ڪٿي ڪٿي فيلسفوفانہ ڳالهيون بہ آهن جيڪي تمام ڏکيون هونديون آهن انهن ڪي سولي سنڌي ۾ آڻڻ هڪ تمام ڏکيو ڪم هيو.انڪري اهڙا مضمون جيڪي ٿورڙائي آهن اهي ڏکيا ئي رهجي ويا آهن.

الله تعالي ڪتاب جي مصنف جي محنت ۽ منهنجي هن ترجمي ڪرڻ واري محنت قبول فرمائي.(آمين)

**محمد قاسم سومرو**

قاسميہ لائبريري

ڪنڊيارو ضلعو نوشهرو فيروز سنڌ



www.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حضرت شاهه ولي الله صاحب محدث دهلوي رحه اربع جي ڏينهن 1114هه مطابق 1703ع ۾ ڄائو.

دنيا جي تاريخ جي ارتقاء ۾ سندن اچڻ ڪو اتفاقي واقعو نه هيو.پر قدرت پاران اسلام جهڙي بين القوامي دين جي صحيح تشريح ۽ امت محمدي صلي الله عليه وسلم جي مختلف فرقن ۾ جيڪو اختلاف ۽ جهڳڙو پيدا ٿي پيو هو.ان کي نبيرڻ ۽ سرمائيدارانه نظام سبب جيڪا قرمار شروع ٿي چڪي هئي.ان کي ختم ڪرڻ لاءِ حضرت شاهه ولي الله جن کي چونڊيو ويو هو.

شاهه صاحب جن جو مختصر نسبت نامون هن طرح آهي.

قطب الدين ولي الله احمد[1] بن عبدالرحيم بن وجيهه الدين بن معظم بن منصور بن احمد العمري.

اهڙي طرح سندن نسب جو اهو سلسلو اسلام جي عظيم فاتح ۽ عادل خليفي حضرت عمر فاروق رضي الله تعالي عنه تائين پهچي ٿو.

ابن تيميه ۽ ابن رشد کانپوءِ يا خود شاهه صاحب جن جي زماني ۾ ئي مسلمانن ۾ جيڪو عقلي تنزل شروع ٿي چڪو هو.انڪري اهڙي ڪا اميد ئي نه رهي هئي ته ڪو اهڙو دماغ جو صاحب پيدا ٿيندو پر الله تعالي کي پنهنجي قدرت جو نظارو ڏيکارڻو هيو جو هن آخري زماني ۾ جڏهن اسلام جي وجود کي ئي  ڪمزور ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پئي ويون ته حضرت شاهه ولي الله جن جهڙو ناميارو شخص پيدا ٿيو.جنهن جي عجيب نڪتن جي آڏو امام غزالي ،علامه رازي ۽ ابن رشد جن جا ڪارناما به گهٽ نظر اچڻ لڳا [2]

شاهه صاحب جن کي قدرت پاران جيڪي علمي ۽ عملي صلاحيتون عطا ڪيون ويون هيون.انهن جي وڌڻ ويجهڻ لاءِ نيڪ ماحول جي موافقت جو وڏو دخل هو.سندن والد بزرگوار شاهه عبدالرحيم محدث دهلويءَ جن علمن ۽ معرفتن جي تحصيل عالمگير بادشاهه جي زماني جي عالمن صالحن ۽ تڏهوڪي اسلامي سوسائٽي وٽان ڪئي هئي ۽


www.sindhsalamat.com

ڪين خاص معرفتون سندن ناني شيخ رفيع الدين دهلويءَ کان مليون هيون.شيخ رفيع الدين صاحب دهلوي جن طريقت جون منزلون پنهنجي والد بحر مواج قطب عالم وٽ طئي ڪيون هيون ۽ انهن وري پنهنجي والد بزرگوار امام عبدالعزيز بن حسن دهلوي جن کان فيض حاصل ڪيو هو ۽ ان پنهنجي پيءُ حضرت ڪمال الدين حسن بن طاهر دهلوي جن کان طريقت جو فيض ورتو هو ۽ ان پوئين بزرگ جي وفات 909 ھ ۾ ٿي هئي.(التمهيد مولانا عبيد الله سنڌي)

شاهه صاحب جن ڪي پنهنجي حياتيءَ ۾ دهليءَ جي ڏهن بادشاهن جي حڪومتن ڏسڻ جو موقعو مليو هو. (1)عالمگير اعظم(2)بهادر شاهه اول(3)معز الدين جهاندار شاهه(4)فرخ سير(5)رفيع الدرجات(6) رفيع الدولہ (7)محمد شاهه (8)احمد شاهه (9)عالمگرير ثاني (10)شاهه عالم ثاني

شاهه عالم ٻئي جي زماني ۾ ۽ شاهه ولي الله جن جي وفات کان اٽڪل ٻہ سال ڪن اڳ (لارڊ)ڪلائيو الہ آباد ۾ بنگال بهار ۽ اوڙيسہ جي حاڪميت بادشاهه کان ڪسي ڪمپني بهادر جي حوالي ڪئي.

حضرت استاد علامہ عبيد الله سنڌيءَ فرمائن تہ تاريخ جو هر هڪ طالب العلم ڄاڻي ٿو تہ مٿين بادشاهن جي زماني ۾ هندستان کي ڪهڙن ڪهڙن دل ڏڪائيندڙ واقعن مان گذرڻو پيو.ٻارهن ساداتن جو تسلط ۽ فرخ سير جو انهن جي هٿان تمام بيوسيءَ جي حالت ۾ قيد ٿيڻ.وري توراني حاڪمن جي هٿان ٻارهن ساداتن جو زوال ،مرهٽن جي بغاوت ۽ انهن جو عروج سکن جي بغاوت ،نادر شاهه جي ڪاهه ۽ دهليءَ ۾ عام ڪوس.احمد شاهه ابدالي ۽ پاڻي پٽ واري جنگ ۾ حق جي باطل مٿان سوڀ.هندستان جي سياست ۾ روهيلن جي پائيواري ايراني ۽ توراني حڪمرانن جي پاڻ ۾ دشمني.هندستان ۾ يورپي قومن جون لالچ واريون نظرون وري انگريزن جو بنگال وغيره ۾ داخل ٿيڻ ۽ ان قسم جا ٻيا انقلاب ٻہ شاهه صاحب جن پنهنجين اکين سان ڏٺا.(شاهه ولي الله اور ان کي سياسي تحريک)

هيءَ ٻہ حقيقت آهي تہ شاهه ولي الله جن جنهن فکر ڏانهن سڏيندڙ هئا ان فکر جو اصل ٻج تہ سندن والد شاهه عبدالرحيم صاحب جن پوکيو هيو جنهن کي پاڻي شاهه صاحب ڏنو.

(1)شيخ الاسلام خواجه قطب الدين اوشي دهلوي جن وٽان روحاني طور سان شاهه صاحب جن جي پيءُ شاهه عبدالرحيم جن کي سندن ڄمڻ جي خوشخبري ٻڌائي هئي.انکري سندن هڪ نالو قطب الدين احمد به رکيو ويو هو.

(2)"علم الڪلام" شبلي نعماني

ولي اللهي دعوت کي جيڪڏهن صحيح طريقي سان جاچي ڏسبو ته ان جا چار بنيادي اصول معلوم ٿيندا.سڀ کان پهريون قرآن مجيد ۾ غور ڪرڻ ۽ مفسرن جي پنهنجي ذاتي راءِ ۽ خيالن کي ڇڏي سڌو سنئون قرآن شريف مان هدايت ۽ رهبري حاصل ڪرڻ .شاهه صاحب جن ان سوچ ويچار جا ڪجهه اصول ۽ طريقا پنهنجي جوڙيل ڪتاب"الفوز الڪبير"۾ بيان فرمايا آهن.

قرآن مجيد ۾ سوچ ويچار(تدبر) ڪرڻ جي اهميت:

شاهه صاحب جن قرآن مجيد جي سوچ ويچار سان مطالعو ڪرڻ کي هڪ لازمي سنت قرار ڏنو آهي. قرآن مجيد جي فارسي ترجمي ۽ ان جي حاشئي فتح الرحمان کي ان تدبر(سوچ ويچار) جو نتيجو سمجهڻ گهرجي. سندن ڪانپوءِ سندن پٽن شاهه عبدالعزيز ،شاهه عبدالقادر ،شاهه رفيع الدين صاحب ٺنهين پنهنجي پيءُ جي پيروي ۾ قرآن شريف جي وڏي خدمت ڪئي.شاهه عبدالعزيز صاحب جن تفسير "فتح العزيز" لکي قرآن مجيد ۾ غور و فڪر ڪرڻ ۽ قرآن مجيد جي آيتن کي پنهنجي دور جي ماڻهن جي حالتن سان مطابق ڪرڻ جو هڪ تمام سنو نمونو پيش ڪيو آهي.اڳتي هلي ولي اللهي جماعت مان حضرت مولانا شيخ الهند محمود حسن جن به شاهه عبدالقادر جن جي ترجمي "موضح القرآن"جي اهڙي طرح اصلاح ڪئي جو اردوءَ جي پراڻن ۽ نه استمال ٿيندڙ لفظن جي جاءِ تي عام رائج لفظ وڌا ۽ ان جو نالو"موضح الفرقان" رکيو.

قرآن مجيد ۾ غور فڪر ڪرڻ لاءِ شاهه صاحب جي ٻڌايل اصولن کي جيڪڏهن گهري نظر سان ڏنو وڃي ته هيءَ ڳالهه پڌري پٽ معلوم ٿيندي ته شاهه صاحب جن قرآن مجيد جي تعليمات ۾ موجود اصناعي روح ۽ اجتماعيت کي عمل ۾ آڻڻ چاهين پيا.هي صحيح آهي ته شاهه صاحب جن ڪلم ڪلا هڪ فرد جي پيٽ ۾ جماعت ۽ انفراديت جي مقابلي ۾ اجتماعيت کي ايترو زياده واضح نه ڪيو آهي.ان جو سبب هي هيو ته ان دور

۾ جيڪي ملڪي حالتون هيون اهي ان قسم جي فڪر پکيڙڻ ۽ ان جي ظاهر ظهور تائيد کي برداشت نه ڪري سگهن ها ڇوته اهو بادشاهن جو دور هيو ۽ بادشاهي(Imperialism) دور ۾ هڪ ڄڻو (بادشاهه) ئي طاقت جو سرچشمو هوندو آهي.پر ان سان گڏوگڏ شاهه صاحب جن قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ جو اصلي مقصد سرمائيدارانه نظام جي اصلاح ۽ عدل وانصاف واري نظام قائم ڪرڻ ۽ غلط اجتماعيت جي جاءِ تي صالح ۽ سڌريل اجتماعيت کي پيدا ڪرڻ قرار ڏنو.ڇاڪاڻ ته قرآن مجيد اجتماعيت تي سوچڻ ۽ فڪر ڪرڻ جي دعوت ڏني آهي.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي اچڻ واري زماني کي جيڪڏهن غور سان ڏٺو ويندو ته اسان کي دنيا جا سڌريل ملڪ ٻن بادشاهن جي حڪومت هيٺ نظر ايندا.

(1)ڪسري يعني ايران جو بادشاهه

(2)قيصر روم

عراق يمن خراسان ۽ انهن جا سرحدي ملڪ ڪسري جي حڪومت هيٺ هيا.ماوراءُ النهر(بخارا سمرقند تاشقند وغيره)۽ هندستان جا بادشاهه به ڪسري کي ڍل ڏيندڙ هيا.هر سال انهن ملڪن جي آمدني جو هڪ مقرر حصو ڪسري وصول ڪندو رهندو هو.روم ۽ ان جي آسپاس ملڪن تي قيصر جو قبضو هيو.مصر ،مغرب ۽ آفريڪا جا بادشاهه قيصر روم جا تابع دار هيا. ڪسري ۽ قيصر ٻنهي بادشاهتن جو نظام سرمائيدارانه نظام هيو ۽ انهن ٻنهي حاڪمن کي شڪست ڏئي انهن جي ملڪن تي قبضو ڪرڻ ڄڻ روءِ زمين تي قبضي جي برابر هو.انڪري ته پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جن ايندي ئي اعلان فرمايو ته" **هلڪ قيصر فلا قيصر وهلڪ ڪسري فلا ڪسري**" يعني قيصر اهڙو هلاڪ ٿيندو جو وري قيصر نه ايندو ڪسري به اهڙو هلاڪ ٿيندو جو وري ڪسري نه ايندو.اهڙو اعلان ڪري ڄڻ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن سرمائيدارانه نظام جي خاتمي جو اعلان فرمايو.

هڪ جاءِ تي شاهه صاحب جو اهل فارس ۽ رومين جي عيش عشرت واريءَ زندگءَ تي تبصرو ڪندي هيئن لکيو آهي:

"تاريخ شاهد آهي ته رومين ۽ ايرانين جي حڪومت ڪافي ڊگهي عرصي تائين رهي انهن پنهنجي وقت جي حالت پٽاندڙ تمدن جي گهرجن ۽ پنهنجي عيش عشرت ۽

سنڌ سلامت ڪام

آرام پرستي واري زندگي کي وڏي هٿي ڏني.هن آخرت کي وساري پنهنجي دنيوي زندگيءَ کي عيش آرام سان گذارڻ کي پنهنج مول متو قرار ڏنو.شيطان انهن تي پنهنجو پورو قبضو ڪيو.دنيا جي مختلف طرفن مان ڪيئي خفتي ۽ هنر مند انهن وٽ پهچي ويا.سڀ امير ۽ زندگي جي لذتن بابت ڪيئي نيون شيون ۽ نوان طرياق ايجاد ڪيا ويا سڀ وڏيرا عياشيءَ ۾ مصروف هيا ۽ ان ڏس ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوششن ۾ رات ڏينهن رڌل رهندا هئا.انهن جي باري ۾ مشهور آهي ته عيش پرست ۽ خود پسند اميرن مان جنهن ڪمر بند يا چيلهه جو پٽو هڪ هزار رپين کان گهٽ قيمت جو هوندو هو ته ان کي حقارت جي نظر سان ڏٺو ويندو هو.هر هڪ سرمائيدار ۽ چڱي مڙس جي اها ڪوشش هوندي هئي ته ان وٽ عاليشان محلات هجي.جنهن جي اڱڻ ۾ هڪ سهڻو باغ هجي.غسل خانه وغيره سڀ موجود هجن ۽ انهن جي دستر خوان تي قسمين قسمين لذيذ کاڌا هجن ۽ سندن چمڪندڙ پوشاڪ ٻين کان سٺي هجي.ان کانسواءِ هن وٽ سٺي نسل جا گهوڙا ۽ آرامده گاڏيون هجن ۽ انهن جي خدمت لاءِ نوڪرياڻيون ۽ نوڪر هميشه حاضر هجن.”

شاهه صاحب جن پنهنجي دور جي بادشاهن ۽ رياستن جي نوابن جو مثال رومين ۽ ايرانين جي حالت هن طرح سمجهائي آهي.

“هن زماني جي نوابن ۽ بادشاهن جي نٽ نانگر کي ڏسي توهان انهن جي عياشين ۽ زندگي جي لذتن ۾ وڌاءُ ۽ حد کان ٽپي وڃڻ جو اندازو لڳائي سگهو ٿا اهو عيش پرستيءَ جو طريقو هنن جي رڳ رڳ ۾ گهڙي چڪو هو.جنهن سبب سڄي سماج ۽ معاشري ۾ هڪ لاعلاج ناسور پيدا ٿي پيو.ٻيا ماڻهو به انهن جي عيش پرستين کي ڏسي پاڻ به عياشي ڏانهن مائل ٿي پيا.جو ته هڪ سچي چوڻي آهي ته **“الناس علي دين ملوڪهم”**يعني عام ماڻهو پنهنجن بادشاهن جي دين تي هوندا آهن.رعيت جي هر طبقي ۾ پنهنجي وت آهر عياشي جو مرض پکڙجي ويو آهي ۽ ان عام وبا جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي.اهڙي عيش عشرت جو هي نتيجو نڪتو آهي جو اهي ڪيترن قسمن جي پريشانين جو شڪار ٿي پيا آهن.جو ته عيش پرستي واري حياتي گذارڻ لاءِ جنهن ساز و سامان جي ضرورت هئي ان جو حاصل ڪرڻ وڏي دولت جي خرچ ڪرڻ کانسواءِ نٿي ٿي سگهيو.انڪري انهن بادشاهن ۽ نوابن پنهنجي رعيت ۽ واپارين تي ۽ اميرن پنهنجي زيردستن تي ڳرا ڳرا ٽيڪس ڪٽي مڙهيا.انهن حالتن ۾ غريبن لاءِ صرف ٻه ئي رستا هئا.هڪ هي ته هو باغي بڻجي مسلح ٿي حڪمرانن جو مقابلو ڪن ۽ اهو وري انهن غريبن لاءِ ناممڪن هيو جو ته هو ويچارا خالي هئا.ٻيو رستو انهن لاءِ هي هيو


www.sindhsalamat.com

جو اهي غريب بادشاهن ۽ سرمائيدارن جو جي فرمانبرداري ڪان ڪنڌ نہ ڪڍائن ۽ چوپاين جانورن ۽ ڳڌهن وانگر ذلت جي زندگي گذارن.جنهن ۾ ڪائن سندن مرضي جي خلاف هر ڪم مثلا پاڻي پرڻ وغيره جو ڪم ورتو وڃي پيوۓ انهن جي ٿوري گهڻي پالنا جو خيال بہ رڳو انڪري ڪيو پيو وڃي جو انهن جي مالڪن جا پنهنجا مطلب انهن ۾ قائل آهن.

بهرحال ان هينين طبقي جا ماڻهو پنهنجن پوتارن جي خدمت ۾ ايتري قدر تہ مشغول هوند هئا جو ڪين آخرت لاءِ سوچڻ جي هڪ گهڙي بہ واندڪائي نہ هوندي هئي.

ان عياشي واري نظام ۽ سرمائيدارانہ ذهنيت واري زندگيءَ ڪي قائم رکڻ لاءِ هي بہ ضروري هيو.جو اهڙي قسم جا ماڻهو هجن جيڪي انهن لاءِ قسمين قسمين ڪاڌا تيار ڪن ۽ انهن جي عياشين جي لاءِ مختلف قسمن جا ڪپڙا ۽ هار سينگار جو سامان ٺاهين ۽ انهن لاءِ شانائتا بنگلا ۽ وڏيون ماڙيون جوڙين.اڪثر ماڻهو تہ ان بي فائدي ڪمن ۾ مشغول ٿي ويا.انڪري ان جو لازمي نتيجو هي نڪتو جو ڪي اهڙا ضروري هنر ۽ ڌنڌا صفا ڇڏي ڏنا ويا جن جو هجڻ اصلي تمدن ۽ تهذيب لاءِ نهايت ضروري هيو.جن ماڻهن جو وڏيرن ۽ سرمائيدارن سان تعلق هيو انهن جي دلين ۾ بہ هي شوق پيدا ٿي ويو هو تہ اهي بہ سرمائيدارن سان ملنڌڙ جلنڌڙ حياتي گذارين.سين جي اها خواهش هوندي هئي تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح حڪومت سان ڳنڍيل هجن ۽ جيئن بہ ممڪن ٿي سگهي گذارين.انڪري انهن ماڻهن جي اڪثريت نہ سرڪاري نوڪريءَ ڪي پنهنجو خاص مقصد ڪٽي ٻڌايو هو. ۽ اهڙي نوڪريءَ ڪي ئي انتهائي ڪمال سمجهڻ لڳا هئا.انهن جي نظر ۾ ان ڳالهہ جي ڪابہ اهميت نہ هئي تہ ڪو حڪومت جو انتظام صحيح طريقي سان هلي ۽ تمدن ڪي ڪنهن بهتر معيار تي پرڪيو وڃي.پر ان جي ابتڙ هن جو مکيہ مقصد رڳو پئسو ڪمائڻ هوندو هيو ۽ بس.تان تہ انهن ماڻهن مان ڪي تہ رڳو شعر شاعري ڪي پنهنجو ڌنڌو ٻڌائيندا هئا ۽ بادشاهن جي تعريف ۾ مداحن وارو شعر چئي ۽ لکي سرڪاري خزاني تي وڏو بوجهہ ثابت ٿيندا هئا ۽ ڪي وري ماڻهو پيري فقيري جي ظاهري ڏيک سان حڪومت ،سرڪاري آفيسرن يا عام ماڻهن ڪان نذر ونياز ڪمائڻ لاءِ ڄار وڇائيندا هئا.ٻين لفظن ۾ هيئن ڪٽي چئجي تہ اهڙا ماڻهو بہ حڪومت ۽ معاشري تي وڏو بار بڻبا هئا.بادشاهن يا نوابن وٽ قرب يا رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ چاپلوسي يا خوشامد ڪرڻ هڪ عام مرض يا وبا جي صورت اختيار ڪري ورتي هئي.

مطلب تہ جڏهن اهو مرض چوٽيءَ ڪي پهچي ويو تڏهن الله تعالي انهن تي سخت ناراض ٿيو ۽ الله تعالي جي صفت رحمت عام ماڻهن جي ان بيوسيءَ جي حالت ڪي ڏسي چاهيو

ته (سرمائيداري) ۽ عياشيءَ واري مرض جي پاڙ پٽي وجي.انڪري الله تعالي پنهنجو امي نبي حضرت محمد صلي الله عليه وسلم موڪليو.پاڻ سڳورن ان مٿي بيان ٿيل عيش عشرت واري حياتيءَ جون خرابيون ٻڌايون ۽ سرمائيداران واري زندگي ۽ اهڙي طرز سان رهڻ کان پرهيز ڪرڻ جو حڪم ڏنو. مثال طور پاڻ ريشمي ڪپڙن پائڻ ،سون چاندي جي ٿانون ۾ کائڻ پيئڻ يا مردن لاءِ زنانه زيور استعمال ڪرڻ وڏيون ماڙيون نهرائڻ يا انهن بنگلن کي رنگين پردن يا فوٽن ،تصويرن سان سينگارڻ کان منع فرمائي.حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي پيروڪارن ۽ سڄي امت کي شروع کان ئي ٻڌايو هو ته پاڻ سڳورن جو غلبو(سرمائيدار) بادشاهن جي دولت ۽ حڪومت جي زوال جو سبب بڻبو ۽ سندس نبوت جو مقصد ڪسريٰ ۽ قيصر جهڙن بادشاهن جي حڪومت کي مليا ميٽ ڪرڻ هو بهرحال ان دور ۾ الله تعالي هي ارادو فرمايو ته ماڻهن جي حال جي درستي ڪئي وڃي.ماڻهن جي معاشي حالت جي اصلاح ڪري معاشري کي خوشحال بڻايو وڃي ۽ ان ڪم جي رهنمائي لاءِ هڪ اهڙي جماعت پيدا ٿئي جيڪا انهن ماڻهن کي نيڪي جو حڪم ڪندي رهي ۽ براين کان روڪيندي رهي ۽ انهن جي خراب حالت کي انقلابي طرح سان مٽائي ۽ اهڙي انقلابي تبديلي تڏهن ممڪن هئي جڏهن ڪسريٰ ۽ قيصر جهڙن ٻن وڏن بادشاهن جي حڪومتن کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي معاشي مساوات انسان دوستي ۽ خدا پرستي تي ٻڌل هڪ صحيح نظام قائم ڪيو وڃي.

حضرت رسول صلي الله عليه وسلم جن کي الله تعالي موڪليو ۽ کين اهڙي بشارت ڏني ته ڪسريٰ ۽ قيصر جو اقتدار ختم ٿيندو ۽ ان جي هيءَ صورت هوندي جو پهرين پيغمبر عليه السلام جي ذريعي عرب ۾ انقلاب برپا ٿيندو ۽ پوءِ سندن تربيت ۽ ٽريننگ ورتل جماعت مهاجرين ۽ انصارن جي ذريعي انهن ٻنهي حڪومتن کي ختم ڪري هڪ بين الاقوامي انقلاب برپا ٿيندو.

(حجت الله بالغه باب الاقامت الارتفاقات ص 105)

## قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ جو مقصد:

شاهه صاحب جن مٿئين انقلاب کي قرآن شريف جي نازل ٿيڻ جو مقصد قرار ڏئي .معاشي بي انصافي ۽ عدم مساوات(اڻ برابري) جهڙين براين کي کولي بيان ڪيو آهي.

جنهن سوسائٽيءَ ۾ اقتصادي توازن نه هجي ان ۾ طرحين طرحين مرض پيدا ٿي پوندا آهن.نه اتي عدل انصاف قائم ٿي سگهندو آهي ۽ نه اتي مذهب ئي پنهنجو سٺو اثر وجهي


www.sindhsalamat.com

سگهندو آهي.شاهه صاحب جن به مجين ٿا ته جهڙي طرح رسول صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ قيصر و کسري سڙيل دنيا کي مصيبت ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو ۽ الله تعالي جي ارادي ان بچڙي نظام جو خاتمو پئي گهريو.اهڙي طرح سندن زماني ۾ به معاشرو اهڙين اجتماعي بيمارين ڪري کوکلوبڻجي چڪو هو ۽ ان جو خاتمو به يقيني نظر اچي رهيو هو.

(شاهه ولي الله اور ان کي سياسي تحريک .مولانا عبيد الله سنڌي ص 28)

شاهه صاحب جن جي اصلاحي ۽ انقلابي پروگرام جو وڏي ۾ وڏو اصول اقتصاديات يا ماليات کي کولي پڌرو ڪرڻ هو.شاهه صاحب جن وٽ انسانن جي اجتماعي زندگي لاءِ اقتصادي توازن تمام ضروري ڳالهه آهي ۽ هر هڪ انساني جماعت کي اهڙي معاشي نظام جي ضرورت آهي.جيڪو انهن جي سيني ضروريات زندگي جو ضامن هجي.جڏهن ماڻهن کي پنهنجي روزگار وارين ضرورتن کان واندڪائي نصيب ٿيندي.تڏهن اهي پنهنجي خالي وقت ۾ جيڪو ڪين ڏنڌي کانپوءِ بچندو.ان ۾ زندگي جي انهن شعبن ڏي به ڌيان ۽ توجهه ڏئي سگهندا. جيڪي انسانيت جو اصل مقصد آهن.پر جيڪڏهن انهن کي معاشي ضرورتون به حاصل نه هجن ۽ انسان جي سموري ڪوشش رڳو حيواني ضرورتن تائين محدود ٿي وڃي ته انسانيت واري مٿانهين درجي جو ڪنهن کي به هوش نه رهندو.اقتصادي نظام جي متوازن ۽ درست هجڻ جو هي نتيجو ٿيندو آهي جو هن دنياوي حياتيءَ ۾ انسانيت جا اجتماعي اخلاق بهترين ٿي ويندا آهن.تنهنڪري شاهه صاحب جن حجته الله بالغه ۾ هڪ جڳهه فرمايو آهي ته:

“انسانيت جا اجتماعي اخلاق ان وقت تباهه ٿي ويندا آهن جڏهن ماڻهن کي زوريءَ اقتصادي تنگيءَ ڏي مجبور ڪيو ويندو آهي. ان وقت هو ڳڏهن ۽ ڍڳن وانگر رڳو مانيءَ ڳيپي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندا آهن.جڏهن انسانيت تي اهڙي مصيبت ڪڙڪندي آهي.تڏهن الله تعاليٰ ماڻهن کي ان مصيبت کان ڇوٽڪاري ڏيارڻ لاءِ ڪونه ڪو رستو ضرور الهام فرمائيندو آهي.يعني تمام ضروري آهي جو الله تعاليٰ پنهنجي قدرت سان انقلاب جو اهڙو سامان پيدا ڪري جنهن سان قومن مٿان ناجائز حڪومت جو بار هٽائي ڇڏي.

## سياسي ۽ سماجي طاقت جو دارومدار فلسفي تي:

سياسي قوت اجتماعي قوت سان پيدا ٿيندي آهي ۽ سماجي طاقت جو سڄو دارومدار ڪنهن نہ ڪنهن فلسفي تي هوندو آهي.جنهن بہ معاشري جو فلسفو اعلي ۽ اتم هوندو.انهن جون ذهني صلاحيتون بہ ان فلسفي جي ذريعي ڪڏهن نہ ڪڏهن وڏي ڪمال تائين پهچي وينديون ۽ انهن جي سماجي ۽ اقتصادي حالت تي بہ پوندو آهي.جيڪڏهن سماجي حالت(جيڪا ذهني طاقتن جي پيداوار آهي) سٺي هوندي تہ ان سان جيڪا سياسي قوت پيدا ٿيندي اها بہ سٺي ئي هوندي.

## ملڪيت جي برابريءَ واري تقسيم ۽ شاهہ ولي اللّٰہ جو فلسفو

هتي هڪ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ هن دور ۾ بہ هر معاشي نظام جو بنياد ڪنهن نہ ڪنهن فلسفي تي رکيل آهي تہ ڇا شاهہ ولي الله بہ پنهنجي تاليفات ۾ عدل انصاف واري دولت جي تقسيم يا مساوات واري نظام تي زور ڏيندي ان نظام لاءِ ڪو فلسفو پيش ڪري ٿو يا نہ؟

ان جو جواب هي آهي تہ :بيشڪ شاهہ صاحب جن هڪ جامع فلسفو بہ پيش ڪيو آهي پر هو فلسفو ڪارل مارڪس(Karl Marks) جي فلسفي وانگر جڙتو نہ آهي بلڪ شاهہ صاحب جي فلسفي جو بنياد اسلام جي حڪمت ۽ ان جي روح تي رکيل آهي.

شاهہ صاحب جي نظر ۾ سڀ کان اول انسان لاءِ معاشي خوشحالي هجڻ ضروري آهي.جڏهن انسان کي ذهني سڪون ملندو آهي تڏهن اهو مذهب ۽ اخلاق جو ڳولائو ٿيندو آهي.جنهن جو اصلي سبب هي آهي تہ جيسيتائين ماڻهو انسانيت واري پهرين درجي کي طئي نٿو ڪري .ان وقت تائين بين حيوانن کان ممتاز(الڳ) تي انسانيت جي مٿانهين درجي تي پهچي بہ نٿو سگهي شريعت ۽ اخلاق جي ذميداري انسان تي ئي هوندي آهي حيوانن تي نہ.

## شاهہ صاحب ۽ ڪارل مارڪس جي نظرين ۾ بنيادي فرق

ان مان هيئن بہ نہ سمجهڻ گهرجي تہ اهو فلسفو ڪارل مارڪس جي مادي فلسفي سان مشابهت رکي ٿو.ڇاڪاڻ تہ ڪارل مارڪس بہ اخلاقي اصولن ۽ مذهبي حڪمن کي معاشي ضرورتن جي تابع قرار ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو تہ جڏهن اخلاقي اصولن ۽ معاشي

گهرجن جو پاڻ ۾ ٽڪر هوندو آهي.تڏهن اخلاق ۽ مذهب کي پنهنجي شڪست مڃي معاشيات جو غلبو مڃڻو پوندو آهي.

اصل حقيقت هي آهي تہ معاشيات جي باري ۾ شاهہ صاحب جن جي ٻڌايل اصولن جو بنياد قرآن شريف جي حڪمت ڀري تعليم ۽ ان جي عملي شڪل پيغمبر عليہ الصلوات والسلام جن جي سنت تي آهي.انڪري ولي اللهي فلسفي ۾ معاشي ضرورتن ۽ مذهب ۽ اخلاق ۾ ٽڪراءُ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. شاهہ صاحب جن اسلام جو مطلب ٻن لفظن اقتراب ۽ ارتفاق سان بيان ڪيو آهي.يعني خدا پرستي ۽ انسان دوستي کي انسانيت جو بنياد قرار ڏنو آهي.انسان دوستيءَ جو صحيح مطلب مال ۽ دولت جي برابريءَ واري تقسم آهي تہ جيئن ايئن نہ ٿئي جو معاشري ۾ هڪ تہ وڏو سرمائيدار بنجي وڃي ۽ ٻئي کي کائڻ لاءِ ماني ۽ اوڍڻ لاءِ ڪپڙو بہ نہ ملي سگهي.

## ◈فاشست نظام

فاشست نظام ۾ سمورو زور هڪ فرد جي انفراد ،صلاحيت ۽ ذاتي ملڪيت تي ڏنو ويو آهي. ان سان اجتماعي ۽ تمدني زندگيءَ ۾ معاشي فلاح ۽ خوشحالي جو اچڻ ناممڪن ڪٿي نہ هجي تہ بہ مشڪل ضرور آهي.اهوئي سبب آهي جو شاهہ صاحب فرد جي ڀيٽ ۾ اجتماعيت تي زور ڏنو آهي.شاهہ صاحب جي فلسفي ۾ سڄي ڪائنات حقيقت ۾ هڪ وحدت (هيڪڙائي) آهي جنهن جو نالو ان جي فلسفي ۾ شخص اڪبرآهي.

## ◈شخص اڪبر

جسماني جهان کي (پوءِ ڪٽي ڪيترو ئي ڏکيو ۽ موڪرو هجي ان کي) هڪ ئي جسم مڃڻ گهرجي اهو سڄو جسم خود هڪ مستقل شيءِ آهي ۽ ان ۾ مختلف جسم ايئن آهن جيئن سمنڊ ۾ موجون(لهرون) ان سڄي جسم ۾ طبعي تقاضا ڪنڌڙ هڪ خاص طاقت آهي.جيڪا سيني جزن کي سندن مناسب شڪلين ۾ متائيندي رهي ٿي.ان وڏي جسم کي سندن سيني طاقتن سان گڏي”شخص اڪبر“چوڻ گهرجي.

## ◈ طبيعت الڪل

جسم جو هڪ حصو تہ اهو آهي جو ڪنهن وقت ۾ عنصرن جي شڪل رڪندو هيو پوءِ ان ٻوٽي يا گاهہ وغيره جي شڪل اختيار ڪئي. مطلب تہ ان جسم جا مختلف جزا جيڪي مختلف شڪليون بدلائيندا رهندا آهن.انهن سڀني جي مرڪزي طاقت ان وڏي جسم ۾ محفوظ آهي.اها مرڪزي طاقت شاهہ صاحب جي فلسفي ۾ “طبيعت الڪل”جي نالي سان سڏبي آهي.

## ◈ نفس الڪل

جهڙي طرح هر انسان ۾ روح آهي جيڪو ان جي علم ۽ ارادي جو مالڪ آهي اهڙي طرح ان وڏي جسم شخص اڪبر ڪي بہ هڪ روح آهي جيڪو نفس الڪل(روح اعظم) جي نالي سان سڏجي ٿو.

(سطحات:شاهہ ولي الله)

## ◈هيگل ۽ روح عالم

هيگل جي فلسفي جو دارومدار هڪ ٻئي جي ضدن جي ٽڪراءُ تي آهي.دنيا ۾ هن وقت تائين جيتري بہ ترقي ٿي آهي.هيگل ان جو حقيقي سبب انهن ضدن جي ٽڪراءُ کي قرار ڏنو آهي.مثال طور مختلف خيالن يا تصورن جي پاڻ ۾ آويزش ۽ ضدن جي ٽڪراءُ مان هڪ ٽيون خيال يا تصور پيدا ٿي پوندو آهي.هيگل ان ٽڪراءَ ۽ جدلي عمل جو حقيقي سرچشمو يا محرڪ هڪ مخفي طاقت کي قرار ڏنو آهي.جنهن کي ان” روح عالم” يا روح مطلق جو نالو ڏنو آهي.

هيگل جي فلسفي مطابق روح مطلق پنهنجي تڪميل لاءِ ان نظام جي طلب ڪندو رهندو آهي.جو تہ ان جدلي عمل ۽ ڇڪتاڻ سان جيڪو نئون تصور وجود ۾ ايندو آهي.اهو پهرئين تصور کان وڌيڪ جامع ۽ ڪشادو هوندو آهي.ترقيءَ جواهو سلسلو تيسين وڌندو رهندو آهي.جيسيتائين روح مطلق ترقي ۽ ڪمال جي متانهين درجي تي نہ پهچي وڃي.هن دنيا يا عالم اجسام(جسمن واري جهان ۾)۾ جيڪو ڪجهہ ٿيندو رهي ٿو اهو رڳو روح مطلق جو هڪ مظهر آهي.جنهن ۾ بہ روح مطلق جي تقاضا جو ظهور پوري

طرح سان ٿيندو.ان ڪي روح سان بہ مظبوط تعلق ۽ واسطو هوندو ۽ اهو پوري طرح روح مطلق جي تجلي سڏبو.

شاهہ صاحب جي فلسفي ۾ ذات بحت يا الله تعاليٰ جي ذات ايتري تہ ڪامل ۽ محيط آهي جو ان ڪي وڏيڪ ڪنهن ڪمال حاصل ڪرڻ جي ڪابہ حاجت نہ آهي ۽ اها هڪ اهڙي حقيقت قصويٰ آهي جنهن جون ٻيون سڀ حقيقتون مقابلو نٿيون ڪري سگهن(البدور البازغہ شاهہ ولي الله ص 1 ڪان 10)

ان لحاظ ڪان روح مطلق شخص اڪبر جي روح جو نالو آهي .البتہ الله تعاليٰ جي ذات ۾ جيترا بہ ڪمال آهن انهن ڪي هڪ بسيط وحدت نہ سمجهيو وجي.پر سڀ مختلف شيون پنهنجي اختلافي شان ڪي پوري طرح محفوظ رکندي ذاتي ڪمالن ۾ داخل ۽ شامل آهن.انهن مان هرشيءِ ڪي فلسفي ۾ الله تعاليٰ جو نالو سڏيو ويندو آهي.روح اعظم يا نفس ڪليہ انهن وجودي نالن جو هڪ مرڪزي نالو بہ آهي.

اصل ۾ فلسفو نالو آهي ذهني تبديلي جو جيسيتائين ذهن ڪي هڪ طرف نہ لڳايو ويندو.تيسين سماجي تبديلي نہ اچي سگهندي.فلسفي جو حاصل مطلب هي آهي تہ عقل جي سامهون هڪ شيءِ مرڪزي تصور جي طور تي پيش ڪئي وجي ۽ ٻيون سڀ شيون ان سان وابستہ ڪيون وجن.قرآن مجيد ان بنيادي نقطي ڪي هر جاءِ تي فرمايو آهي ۽ سوره اخلاص ۾ ان مرڪزي هيڪڙائيءَ جي جن صفتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.اها احد يعني هڪ آهي.جنهن جو ڪوبہ شريڪ ناهي ۽ ٻي صفت صمد آهي ۽ صمد بہ ان ڪي چوندا آهن جنهن جون سڀ شيون محتاج هجن ۽ اهو ڪنهن جو محتاج نہ هجي.

يوناني فلسفي ۾ حقيقت قصوي يا الله تعاليٰ جي ذات لاءِ جيڪو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي ان جو عربي ۾ ترجمو"واجب الوجود" آهي يعني جيڪا هستي ٻين جي محتاج نہ هجي پر اها پاڻ مرادو موجود هجي.اهڙي طرح فارسيءَ ۾ خدا يعني خود آمده(پاڻهي وجود ۾ آيل) چئبو آهي.

حضرت استاد علامہ عبيد الله سنڌي جي راءِ ۾ ان معني ڪي ادا ڪرڻ لاءِ قرآن مجيد ۾ "صمد" جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي.فلسفياڻي نموني ان جو ترجمو واجب الوجود آهي.

شاهہ صاحب جن جي نظر ۾ سماجي ۽ اقتصادي ترقي ۽ عقلي طاقت فلسفي جي پيداوار هوندي آهي ۽ اسلام جهڙي بين الاقوامي دين جو فلسفو جيڪو سڄي دنيا جي

عقلن کان متانهون آهي ۽ ان فلسفي جي روءِ سان اسلام ۽ انسانيت لازم ملزوم آهن.جنهن جو نتيجو هي نڪرندو ته جيسيتائين انسان باقي رهندا تيسيتائين اسلام جو رهڻ به ضروري آهي ۽ انسانيت جي ترقيءَ سان الله تعالي جي ذات بابرڪات ۽ ان جي ذاتي صفتن جي ڪمال تي ڪوبه اثر نه پوندو.

## ◈ ذاتي ملڪيت

سرمائيداري نظام جي مدد يا طرفداري نه رڳو پئسي وارا سرمائيدار ڪندا رهندا آهن.انهن جو هي ڪم هوندو آهي ته دولت مند سرمائيدارن جي بي حيائيءَ وارين حرڪتن ۽ دولت ڪي گڏ ڪرڻ جي طريقن ڪي جائز ڪري ڏيڻ ۾ شريعت جي آڙ وٺندا آهن.حالانڪ اسلامي شريعت جو روح سرمائيداري نظام جي ئي خلاف آهي.قرآن پاڪ جي راءِ مطابق فرد هجي يا ڪا جماعت هجي دنيا جي ڪنهن به شيءِ جا اهي ذاتي مالڪ نٿا ٿي سگهن.هر شيءِ جو اصلي مالڪ نه رڳو الله تعالي ئي آهي جنهن ان شيءِ کي پيدا ڪيو آهي.انسان نائبن وارا فرائض انجام ڏئي ٿو ۽ ان ۾ هرهڪ شيءِ معاشري جي ملڪيت ۾ داخل آهي.جيئن ته سوره بقره جي آيت هو الذي خلق لڪم ما في الارض جميعا جو تفسير ڪندي ولي اللهي سلسلي جي هڪ مشهور علمي شخصيت شيخ الهند مولانا محمود الحسن جن لکيو آهي ته "جهان جون سڀ شيون الله تعالي جي حڪم **خلق لڪم ما في الارض جميعا** مطابق سيني انسان جي ملڪيت معلوم ٿين ٿيون.يعني سيني شين جي پيدا ڪرڻ مان الله تعالي جو ارادو انسان جي مختلف حاجتن کي پورو ڪرڻ آهي ۽ ڪا به شيءِ ذاتي طرح ڪنهن جي به ملڪيت نه آهي پر هر شيءِ اصل پيدائش ۾ سيني انسان جي گڏيل آهي ۽ ڪنهن طرح سان ته سيني جي ملڪيت آهي پر جهيڳڙي کي ٽارڻ خاطر ۽ نفعي کي حاصل ڪرڻ لاءِ ملڪيت تي ڪنهن به هڪ جو قبضو مقرر ڪيو ويو آهي ۽ جيسين ڪنهن به شيءِ تي ڪنهن به هڪ ماڻهوءَ جو قبضو باقي آهي .ان وقت تائين ڪو به ان ۾ هٿ چراند نٿو ڪري سگهي.هائو ! پر مالڪ کي پاڻ مرادو هيئن ڪرڻ گهرجي جو ضرورت کان وڌيڪ تي قبضو ڄمائي نه ويهي پر ٻين کي ڏئي ڇڏي ڇو ته ٻين جا حق به ته اصولي طرح هن سان واسطو رکن ٿا.اهوئي مطلب آهي جو گهڻي ملڪيت ضرورتن کان وڌيڪ گڏ ڪرڻ سٺو ڪم نه ڳڻيو ويو آهي.جيتوڻيڪ زڪوات به ادا ڪئي وڃي ۽ انبياءَ سڳورا ۽ اولياءَ ڪرام شاهوڪاريءَ کان پاسيرا پئي رهيا آهن.حديثن مان اها ڳالهه چٽي طرح سمجهه ۾ اچي ٿي بلڪ ڪن صحابن سڳورن ۽ تابعين وغيره ته ضرورت کان وڌيڪ ملڪيت پاڻ وٽ رکڻ کي حرام چيو آهي.


www.sindhsalamat.com

بهرحال ان جي مناسب ۽ خلاف اولي(متانهين درجي خلاف) هجڻ ۾ ته ڪنهن کي به شڪ نه آهي.ان جو هي سبب آهي ته گهرجن کان وڌيڪ دولت ان ماڻهوءَ جي ڪم جي ته ڪانه ڇئبي.جڻ ان ڪنهن طرح سان بين جي نفعي جي شيءِ(وڌيڪ دولت) پنهنجي قبضي ۾ رکي ڇڏي آهي ۽ ان دولت کي مال غنيمت(لڙائي ۾ دشمن جي هٿ آيل ملڪيت) وانگر سمجهڻ گهرجي.اتي به جيئن ورهاست کان اڳ مال غنيمت سڀني مجاهدن جي گڏيل ملڪيت آهي ۽ ضرورت آهر هر هڪ مجاهد ان مان نفعو نه وٺي سگهندو آهي پر ضرورت کان وڌيڪ ڪٽندو ته ان کي چا چئبو آهي؟ اها توهان کي خبر آهي.

(ان کي خيانتي چئبو آهي) (ايضاح الاوله ص 268)

حضرت مولانا محمد قاسم نانوتي رحه جن پنهنجي جڳ مشهور تصنيف "آبِ حيات" ۾ سڀني مالن کي مباح الاصل قرار ڏنو آهي ۽ قبضي جي ڪري ان کي ملڪيت سڏجي ٿو.هرشيءِ پنهنجي اصليت ۾ الله تعالي جي ملڪيت آهي وڪڻڻ خريد ڪرڻ ،ڏيڻ ،وٺڻ اڌارو وٺڻ يا ورثو ترڪو سڀئي قبضي حاصل ڪرڻ جا سبب ته آهن پر بالذات(اصلي طرح) ذاتي ملڪيت جا ذريعا نه آهن.

(آب حيات ص 7)

ڪي عالم مال و دولت جي حقن جي سلسلي ۾ رڳو زڪوات کي ئي فرض قرار ڏئي سرمائيداري ۽ دولت جي ميڙڻ جي جواز جا قائل ٿيا آهن.حالانڪ اهڙي طرح معاشري کي تنگ دستي مسڪيني ۽ غربت کان ڇوٽڪارو نٿو ملي سگهي.محقق عالمن ۽ اسلام جي امامن جي هيءَ راءِ آهي ته زڪوات کانسواءِ مال ۽ دولت ۾ ٻيا حق به واجب آهن.قرآن مجيد جي سوره بقره جي ٽين آيت ۾ پرهيزگارن جي وصفن کي بيان ڪندي فرمايو ويو آهي ته ومما رزقنا هم ينفقون معني اسان جيڪو انهن کي رزق ڏنو آهي ان مان خرچ ڪندا آهن.ان آيت ۾ خرچ ڪرڻ جي باري ۾ تفسير جي امامن جا مختلف رايا آهن.حافظ ابوبڪر محمد بن عبد الله بن العربيءَ انهن مختلف راين کي نقل ڪري هن ڳالهه کي وڌيڪ پسند ڪيو آهي ته هتي رڳو زڪوات مراد ناهي پر خرچ ڪرڻ مان مراد ۽ مطلب عام آهي.پوءِ زڪوات هجي يا ٻيا حق هجن ڇاڪاڻ ته يومنون بالغيب ۽ يقيمون الصلوات ۾ به غيب ۽ صلوات عام غيب ۽ عام نماز تي شامل آهن.اهڙي طرح ينفقون مان هتي مراد به عام خرچ ڪرڻ آهي.

(احڪام القران ابوبڪر ابن العربي ص 1 ڪان 10)

حافظ ابن العربي مالڪيءَ محقق جي ان قاعدي تي(هرشيءِ ۾ اصل مباح هجڻ جو اصول آهي) اعتراض ڪيو آهي تہ جيڪڏهن ان قاعدي کي مڃيو ويندو تہ ان سان متن مائٽن ۽ ٻين ماڻهن جي وچ ۾ جهڳڙو پيدا ٿيندو.ياڀپيون ختم ٿي وينديون ۽ هڪ ٻئي ۾ جهيڙو جهٽو شروع ٿي ويندو.

ان جو جواب ايترو ئي ڪافي آهي تہ جهيڙو جهٽو تہ تڏهن ٿيندو جڏهن قبضي ۽ هٿ ڪرن کي ملڪيت ظاهري جو سبب قرار ڏنو ويندو يا ان کي سڄي معاشري جي ملڪيت قرار نہ ڏنو ويندو.

## ◈ضرورت کان وڌيڪ ملڪيت نہ رکي وڃي

مشهور محدث ابن حزم ظاهري اندلسيءَ ان سلسلي ۾ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "محلي" ۾ جيڪي روايتون آنديون آهن.اهي بہ مولانا شيخ الهند محمود حسن جي مذڪوره تحقيق جي ڪليل تائيد ڪن ٿيون تہ"ضرورت کان وڌيڪ مال ضرورتمند ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏجي. جيئن لکيو اٿن تہ:

**عن ابي سعيد خدري ﷺ عنہ ان رسول الله صلي الله عليہ وسلم قال من ڪان معہ فضل ظهر فليعد بہ عليمن لا ظهر لہ ،ومن ڪان لہ فضل من زاد فليعد بہ علي من لا زادلہ قال فذڪر من اصناف المال ما ذڪر حتي راينا انہ لاحق لاحد منفي فضل.**

حضرت ابو سعيد خدري ﷺ عنہ جن کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ جنهن ماڻهوءَ وٽ سندس ضرورت کان وڌيڪ سواري نہ هجي ۽ جنهن وٽ کائڻ پيئڻ جو سامان ضرورت کان وڌيڪ هجي تہ ان کي گهرجي تہ ٻئي ڪنهن حاجتمند کي ڏئي ڇڏي.حضرت ابو سعيد رضہ فرمايو تہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن اهڙي طرح مال جي مختلف قسمن جو بيان ڪندا رهيا.تان تہ اسان سمجهيو تہ اسانمان ڪنهن کي بہ ضرورت کان وڌيڪ مال رکڻ جو ڪوئي حق نہ آهي.

**قال عمر بن الخطاب ﷺ عنہ لو استقبلت من امري ما استدبرت لاخذت فضول اموال الاغنياءَ فقستها علي فقراءَ المهاجرين.وصح عن ابي عبيده بہ الجراح و ثلث من لاصحابہ ﷺ عنهم ان ازادهم فني فامرهم ابو عبيده فجمعوا اوزارهم في مزدوين وجعل يقولهم ايها علي السواءِ.**



www.sindhsalamat.com

حضرت عمر بن الخطاب رضہ فرمايو تہ جنهن شيءِ جو مون کي هاڻي اندازو لڳو آهي جيڪڏهن اڳ ۾ مون کي ان جو علم هجي ها تہ مان مالدارن کان ضرورت کان وڌيڪ دولت ۽ مال وٺي مسڪين مهاجرن ۾ ورهائي ڇڏيان ها.حضرت ابو عبيده ۽ ٻين ٽن سون صحابن سڳورن کان اها روايت آيل آهي تہ انهن جي کائڻ پيئڻ جو سامان ختم ٿيڻ تي هيو.تڏهن حضرت ابو عبيده بن الجراح رضہ حڪم ڏنو تہ جنهن وٽ جيترو بہ کاڌو موجود هجي.ان کي حاضر ڪري پوءِ سيني پنهنجي سامان کي ٻن ڳوٿرين ۾ گڏ ڪيو ۽ حضرت ابو عبيده رضہ ان کاڌي کي سيني ۾ هڪ جيترو ورهائيندو هو.

**عن محمد بن علي ﷺ عنہ انہ سمع علي بن ابي طالب رضہ يقول ان الله تعالي فرض علي الاغنيا في اقواتهم بقدر مايکفي فقراءَ هم فان جاعوا او عروا وجهدو فيمنع الاغنياءَ فحق علي الله تعالي ان يحاسبهم يوم القيامہ ويعذبهم عليہ.**

عن محمد بن علي کان روايت آهي تہ ان حضرت علي رضہ کي فرمائيندي ٻڌو تہ الله تعالي شاهوڪارن جي مال تي مسڪينن جي حاجتن جو بقدر ضرورت پورو ڪرڻ فرض قرار ڏنو آهي.پوءِ جيڪڏهن هي بکيا يا اگهاڙا يا ٻي ڪنهن معاشي تڪليف ۾ ڦاٿل هوندا ڇاڪاڻ تہ مالدار پنهنجو حق ادا نٿا ڪن تہ الله تعالي کي اهو حق آهي تہ انهن کي قيامت جي ڏينهن عذاب ڪري.

ان مسئلي ۾ اسان پڙهندڙن جو ڌيان حنفي فقہ جي هڪ وڏي محقق حجتہ الاسلام ابوبڪر احمد بن علي الرازي الجصاص جي جڳ مشهور تصنيف "احڪام القرآن" ڏي ڇڪايون ٿا.امام موصوف ان مذڪور ڪتاب ۾ هڪ باب ٻڌو آهي "باب هل في المال حق واجب سوي الزڪوات"يعني مال ۾ زڪوات کانسواءِ ٻيا حق بہ آهن يا نہ؟ان باب ۾ ڪجهہ آيتون ۽ ڪجهہ حديثون آنديون اٿس ۽ قرآني آيت"وآتي المال علي حبہ ذوي القربي" جي تشريح ڪندي ان بزرگ لکيو آهي تہ:

"ان آيت ۾ واجب صدقو ۽ نفلي صدقو ٻئي گڏ بيان ٿيل آهن ۽ آيت ۾ ڪوبہ اهڙو دليل موجود ڪونهي جنهن مان هي معلوم ٿئي تہ ان آيت مان مراد رڳو صدقو واجب آهي.ان آيت ۾ تہ رڳو تاڪيد ۽ ثواب جو واعدو بيان ٿيل آهي.جو تہ آيت ۾ "بر"جو لفظ آهي ۽ اهو لفظ فرض ۽ نفل ٻنهي کي شامل آهي.ايترو ضرور آهي تہ آيت جي سباق ۽ پڙهڻيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان آيت مان مراد زڪوات جو عطف صلوات تي ڪيو ويو آهي.جو تہ اقام الصلوات وآتو الزڪوات ۾ زڪوات جو عطف صلوات تي ڪيو ويو آهي.عطف ڪرڻ مان هي معلوم ٿئي ٿو تہ ان کان پهريائين جنهن صدقي جو

بيان آهي ان مان مراد زڪوات ناهي ته پوءِ ان مان زڪوات کانسواءِ ٻيا حق واجب مراد ٿي سگهن ٿا.جيئن ڪو مڻ مائٽ ڪنهن ڏک ۾ ڏڌيل هجي يا ڪو بک ۾ بيحال ماڻهو هجي ته ان ڪي ايترو ڏيڻ تمام ضروري آهي جنهن سان ان جي بک ۽ ڏک دور ٿي سگهي.

شريڪ ابو حمزه کان ۽ ان عامر کان ۽ عامر فاطمہ بن قيس کان ۽ ان نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن کان روايت ڪئي ته پاڻ فرمايائون ته مال ۾ زڪوات کانسواءِ ٻيا بہ حق آهن ۽ پوءِ هيءَ آيت پڙهيائون: ليس البر ان تولوا وجوهڪم قبل المشرق والمغرب ولڪن البر"الخ

انڪانپوءِ امام ابوبڪر جصاص رازيءَ حنفي زڪوات جي ضروري حقن جا چند مثال ڏنا آهن ۽ هن حضرت علي ڪرم الله وجہ کان روايت ٿيل حديث جو بہ جواب ڏنو آهي.جنهن حديث ۾ ٻڌايل آهي ته زڪوات جي ڪري ٻيا سڀ صدقا خيراتون منسوخ ٿي ويون.

حقيقت هيءَ آهي ته ان آيت "واتي المال علي حبہ ذوي القربي"کي جيڪڏهن غور سان پڙهبو ته اسان کي ان مان سبق ملي ٿو ته اجتماعيت يا معاشري کي وچٿرو رهڻ گهرجي ۽ اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن مٿين آيت تي عمل ٿيندو.صالح(سٺريل) ۽ وچٿرو معاشرو مال ۽ دولت کي هڪ جاءِ تي گڏ ٿيڻ نہ ڏيندو آهي.پر ان جو هي ڪم هوندو آهي ته قوم جي فردن کي انهن جي ضرورتن ۽ حاجتن کان بي پرواهہ بنائي ڇڏي.تمدن(پاڻ ۾ گڏجي رهڻ) جي بقا ۽ ڊگهي عرصي تائين ان جي باقي رهڻ ۽ زنده رهڻ جو اهوئي طريقو آهي.ان آيت ۾ جنهن درمياني(وچٿري) معاشري جو بيان آهي.اهڙو معاشرو مال سان محبت هوندي بہ ان کي پنهنجي مٽن مائٽن عزيزن اقاربن ۾ ورهائي ڇڏيندو آهي.هو انهن مان ڪنهن هڪ کي بہ محتاج ۽ مفلس نہ ڇڏيندو آهي.

## ضروري تنبيهہ

مائٽن(ويجهن عزيزن) ۾ دولت ورهائڻ جون بہ صورتون آهن:پهرين هيءَ ته ان ورهاست ۾ دانائي ۽ سياڻپ جو لحاظ رکيو ويندو آهي.جنهن جي صورت هيءَ آهي ته پنهنجي سيني مٽن مائٽن کي ڏسڻ گهرجي ۽ انهن جي لياقت آهر انهن کي ڪنهن نہ ڪنهن ڌنڌي سان لڳائي ڇڏڻ گهرجي.جيڪڏهن انهن ۾ ڪو مائٽ پئسن جي نہ هجڻ سبب ڪو بہ ڌنڌو نٿو ڪري سگهي ته ضرورت آهر ان جي مالي مدد ڪئي وڃي.جيئن

هو پنهنجي پيرن تي بيهي روزي ڪمائڻ جي لائق بنجي سگهي.سياڻپ جي اصولن مطابق مٿن مائٽن ۾ صحيح"انفاق" "خرچ ڪرڻ"ان ڪي ئي چئبو آهي.

ٻي صورت هيءَ آهي ته انهن کي هو ڪنهن ڌنڌي ۾ نه لڳائي ۽ انهن جي سيني زندگيءَ جي ضرورتن جو ضامن بنجي پوي ۽ اهو طريقو مٿن مائٽن جي حق ۾ تمام خطرناڪ ۽ تباهي وارو آهي.

مائٽن تي خرچ ڪرڻ جي بيان ڪانپوءِ مٿين آيت ۾ هي حڪم آهي ته قوم جي يتيمن ۽ مسڪينن تي سياڻپ ۽ ڏاهپ(حڪمت) جي اصولن مطابق خرچ ڪيو وڃي.ان حڪمت جي پيغمبر عليہ السلام جن هن طرح تعليم ڏني آهي:

هڪ ماڻهوءَ پاڻ سڳورن ﷺ کان ڪنهن شيءِ جو سوال ڪيو.پاڻ سڳورن انکياهڙي سوال ڪرڻ کان منع فرمائي ۽ انوٿ جيڪا موڙي هئي ان مان ڪهاڙو خريدڪري ڪاٺيون ڪري وڪڻي گذر ڪرڻ جو حڪم ڏنائون ۽ اهو ماڻهو سندن ڏس تي هليو ۽ نيٺ پاڻپيرو ٿي ويو.

ٽئين درجي ۾ غير قوم جا حاجت مند آزاد ماڻهو آهن. جيئن مسافر يا ڪنهن گهرج واري مجبور سائل ۽ انکانپوءِ ٻانهن ۽ غلامن کي آزاد ڪرائڻ ۾ خرچ ڪيو وڃي.تان ته ان خرچ ۾ ڪنهن مسلمان جو هجڻ به شرط نه آهي ۽ مشرڪ ۽ ذمي ڪافرن تي به شريعت خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

امام ابوبڪر جصاص رازي حنفي "ليس عليک هداهم"جي شرح ڪندي به مٿين تحقيق جو بيان ڪيو آهي.

مطلب ته مال ۽ دولت کي هڪ جاءِ تي ڪنو نه ڪيو وڃي پر پنهنجي ضروري حاجتن کان وڌيڪ مال حاجتمند انسان تي خرچ ڪري ڇڏڻ گهرجي.جڏهن ڪنهن به قوم جو مال ۽ دولت جي باري ۾ اهوئي طريقو هوندو جيڪو مٿي ٻڌايو ويو آهي ته اها قوم تباهيءَ ۽ انقلاب کان بچي ويندي.

جيڪڏهن ڪنهن معاشري جا ڪجھ ماڻهو دولت ۽ سرمائي کي گڏ ڪرڻ تي لڳي ويندا ۽ ضرورتمند ماڻهن جي معاملي ۾ بخيليءَ کان ڪم وٺندا ته اهو معاشرو ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن هلاڪت ۽ تباهي جي اهڙي اونهي کڏ ۾ وڃي ڪرندو جو اتان ان جو نڪرڻ ئي مشڪل ٿي پوندو.



www.sindhsalamat.com

مطلب تہ صالح اجتماعيت ۽ وچٿري معاشري ۾ سرمائيداريءَ کي ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪيو ويندو آهي.اهڙي معاشري لاءِ ڪو آپريٽو سوسائٽي(Co operative society) وانگر مضاربت جا اشتراڪي اصول ضروري آهن ۽ مضاربت(ڀائيچارو) بہ تڏهن ٿي سگهندو جڏهن وياج کي فقط حرام قرار ڏنو ويندو ۽ ماڻهن کي هر قسم جي وياج واري ڏيتي ليتي ۽ مال و دولت جي ڪني ڪرڻ کان روڪيو وڃي.ڇاڪاڻ تہ اهڙي طرح مال گڏ ڪرڻ سان سرمائيداري واري نظام کي هٿي ملندي ۽ سرمائيدارانہ نظام اسلام جي روح جي ابتڙ آهي ۽ اسلام پئسي گڏ ڪرڻ جي ڪنهن بہ صورت کي برداشت نٿو ڪري جنهن ۾ دولت تقسيم ٿيڻ بدران وڃي ڪنهن هڪ طبقي وٽ گڏ ٿيندي ۽ عام ماڻهو وڃن ڪنگال ٿيندا.ان بابت سوره توبہ جي آيت بہ موجود آهي:

**والذين يكنزون الذهب والفضت ولا ينفقونها في سبيل الله فبشرهم بعذاب اليم يوم يحمي عليها في نار جهنم فتكويٰ بها جباههم وجنوبهم و ظهورهم هذا ما كنزتم لانفسكم فذوقوا ما كنتم تكنزون**

ترجمو:۽ جيڪي ماڻهو سون ۽ چاندي کي خزانو بنائي رکندا ۽ ان(الله) جي رستي ۾ خرچ نہ ڪندا تہ انهن کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ٻڌاءِ جڏهن ان مال تي دوزخ جي باهہ ٻاري ويندي پوءِ ان سان انهن جون پيشانيون ،پاسيريون ۽ پٺي ڏنيي ويندي(هنن کي چيو ويندوتہ) هي اهو اٿئو جنهن کي توهان پنهنجي لاءِ خزانو بنائي رکيو هو ۽ چکو مزو پنهنجي خزاني ڪني ڪرڻ جو”

حضرت مولانا حفظ الرحمان سيوهاروي مرحوم انفاق(خرچ ڪرڻ) بابت ان قسم جون آيتون آڻي لکي ٿو تہ:

انهن آيتن جي تفسير ۾ جمهور عالمن جو اهو مسلڪ آهي تہ جنهن مال مان زڪوات ۽ ٻيا مالي فرائض ادا نہ ڪيا ويندا تہ اهو مال احڪار ۽ اڪتناز(گڏ ڪرڻ ۽ خزانو ڪرڻ) جي لسٽ ۾ ليکيو ويندو۽ اهو خزانن لاءِ نازل ٿيل آيتن مطابق عذاب جو مصداق آهي ۽ ان قسم جي دولت ۽ پئسي جو نالو سرمائيداري آهي ۽ اهو حرام ۽ باطل آهي ۽ تباهہ ڪرڻ جي لائق آهي.

اهڙي طرح سرمائيداري نظام جون اهي خرابيون جيڪي معاشي عدل ۽ انصاف واري نظام کي بگاڙي ۽ خراب ڪن ٿيون انهن سيني کي اسلام ناجائز قرار ڏنو آهي.ان سلسلي ۾ حضرت شاهہ ولي الله جو هي هڪ وڏو دليل آهي :

سنڌ سلامت ڪام

"جاڻڻ گهرجي تہ الله تعالي جڏهن مخلوق کي پيدا ڪيو ۽ زمين ان جي معاشي زندگي لاءِ سڀ ڪجهہ سامان تيار ڪيو ۽ اهي انهن کي سيني لاءِ مباح ڪيو تہ ان جي نفعي حاصل ڪرڻ ۾ ماڻهن جي وچ ۾ ويڙهہ ۽ جهيڙو پيدا ٿي ويو.تڏهن الله تعالي حڪم ڏنو تہ جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن شيءِ کي پنهنجي هٿ ۾ ڪرڻ يا موروثي طرح قبضي ڪرڻ سبب ان جي ورثي ۾ اچي وڃي يا ان ڪنسواءِ ٻين معتبر طريقن سان ان جو قبضو ٿي وڃي تہ ان صورت ۾ ڪنهن ٻئي ماڻهو کي ان جي قبضي ڪيل شيءِ ۾ جهيڙو نہ ڪرڻ گهرجي سواءِ هڪ ٻئي جي رضامندي ۽ وڪري ۽ خريد ڪرڻ جي جنهن جو ٻنهي کي علم هجي ۽ ان ۾ ڌوڪيبازي جو ڪو دخل نہ هجي."

اڳتي لکيو اٿن تہ:

"ان سان گڏ جڏهن ماڻهو شهري طبيعت وارا آهن تڏهن انهن جي معاشي زندگي هڪ ٻئي جي تعاون (مدد) ۽ اشتراڪ(ڀائيچاري) ڪانسواءِ ناممڪن آهي ۽ انڪري الله تعالي هڪ ٻئي سان تعاون ۽ ڀائيچاري کي واجب قرار ڏنو آهي ۽ هي بہ واجب ۽ ضروري ڪيو آهي تہ ڪنهن کي بہ ڪنهن اهڙي شيءِ کان الڳ ٿيڻ جو حق نہ آهي جيڪا ماڻهن جي تمدن ۽ تهذيب ۾ تہ داخل هجي پر ڪنهن اهڙي مجبوري جي وقت ان کان ڇوٽڪارو ناممڪن هجي."

پر هڪ هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ شريعت جيڪا مباح مال کان فائدي حاصل ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي.ان سان اڪتناز ۽ احتڪار (پئسي گڏ ڪرڻ)جي صورت ۾ ناجائز فائدو حاصل نہ ڪيو وڃي ڇو تہ ايئن ڪرڻ سان هڪ طرف سرمائيداريءَ جي لاءِ رستو صاف ٿي پوندو آهي.جيڪو اسلام جي خلاف آهيء ٻئي طرف اها روش ٻين ماڻهن جي روزگار جي تنگيءَ جو سبب بنجي پوندي آهي.انڪري شاهہ صاحب جن مباح مال مان فائدي حاصل ڪرڻ جا ڪجهہ شرط بہ بيان ڪيا آهن اهي هي آهن:

**"ويشترط في ذالک ان لا يضيق بعضهم علي بعض يحيث يفضي الي فساد التمدن"**

ترجموءِ مباح (جائز ) مال مان فائدي حاصل ڪرڻ جو هي شرط آهي تہ هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ لاءِ روزگار ڪمائڻ ۾ تنگي جو سبب نہ بنجي ۽ اهڙي طرح معاشري کي خراب نہ ڪري.

پڇاڙي ۾ فرمائن ٿا تہ:



www.sindhsalamat.com

"انهن سيني معاملن ۾ صحيح تعاون(مدد) ۽ عملي اشتراڪ(ڀائيچارو) ضروري آهي ۽ جيڪڏهن اها مالي ترقي اهڙي طريقي سان ڪئي وڃي جو ان ۾ تعاون کي بلڪل ڪوبه دخل نه هجي جيئن جوا يااهڙا ٻيا طريقا جيڪي ظاهر ۾ ته تعاون معلوم ٿين ٿا پر اهي حقيقت۾اهو تعاون ڪونهي.جيئن وياج جو ڪاروبار ، انڪري جي هيءَ ڳالهه ته ظاهر آهي ته هڪ غريب مسڪين پنهنجي مالي پريشانين جي ڪري اهڙين ذميوارين کي پاڻ تي کڻڻ لاءِ مجبور ٿي پوندو آهي.جن جي پوري ڪرڻ جي پاڻ ۾ طاقت نه لهندو آهي ۽ ان ماڻهوءَ جي اها رضامندي سچي رضامندي نه آهي ۽ نه وري ان کي معاشيات جي سڌاري جو سبب چئجي سگهجي ٿو بيشڪ ان قسم جا معاملا تمدن جي حڪمت واري نظر ۾ باطل ظلم آهن"(حجته الله البالغه ج 2 باب رزق جي طب ڪرڻ ص 77 ڇاپو مصر)

## هڪ شبـــهو ۽ ان جو جــواب

مغربي عالمن جي طرفان هي سوال ڪيو ويندو آهي ته اسلام ته مالن مان نفعي حاصل ڪرڻ کي حرام قرار ڏنو آهي.حالانڪه وياج به ته واپار جي نفعي وانگر آهي ۽ هي به ظاهر آهي ته جڏهن مال ملڪيت مان نفعو حاصل ڪرڻ حرام هوندو ته انسانيت پنهنجي اجتماعيت ۽ ڀائچاري واري مٿانهين تمدن جي طرف ڪيئن ترقي ڪري سگهندي؟

ان جو جواب هي آهي ته اسلام مال مان نفعي حاصل ڪرڻ جي سمورين صورتن کي حرام ٿورو ئي ڪيو آهي ! اسلام ته رڳو نفعي جي هڪ صورت کي حرام قرار ڏنو آهي.اها هيءَ ته نفعي ۽ نقصان ۾ مزدور ۽ مالدار ٻئي ڀائيچار نه هجن.مثلن مالدار ته نفعي جو مالڪ هوندو ۽ نقصان مزدور کي پهچندو ته ان نفعي جو نالو وياج آهي.پوءِ ٿورو هجي يا گهڻو.اهو حرام آهي.ان ۾ به اٽڪل سٽڪل جي ڪابه صورت جائز ناهي چو ته وياج جو ڪاروبار سرمائيداري جو بنياد هوندو آهي.باقي وياج کي واپار وانگر سمجهڻ هڪ ڏوڪو آهي.عرب جا مشرڪ به ايئن چوندا هئا "انما البيع مثل الربا يعني بيع(واپار)به وياج وانگر آهي جيڪڏهن وياج حرام آهي ته واپار کي به حرام چوڻ گهرجي.

## زڪوات جو بحث:

قرآن شريف ۾ نماز ۽ زڪوات جي ادا ڪرڻوارن حڪمن ڪي گڏ آندو ويو آهي ۽ ٻئي اسلام جي عملي فرضن ۾ ڳڻيا ويندا آهن.شاهه صاحب جي فلسفي جي روءِ سان نماز جي معني آهي الله تعالي جي ان تجلي ڏي توجهه ڪرڻ جيڪا پاڪ ملائڪن ۽ پاڪ روحن جي مجلس"خطيرت القدس"تي پوندي آهي ۽ زڪوات هڪ خاص قانون جي تحت مال خرچ ڪرڻ جو نالو آهي.

اسلام ۾ ان قانون جا ٻه درجا آهن پهريون درجو مڪي شريف ۾ هو.قرآن مجيد جي اصطلاح ۾ ان جو نالو "عفو"آهي يعني ضرورت کان وڌيڪ مال جو خرچ ڪري ڇڏڻ ان ۾ ڪو نصاب ۽ ڪو حصو مقرر نہ آهي.حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جڏهن مڪي ۾ رهيا تہ اجتماعي حڪومت ڪي هي حق حاصل هو تہ هو پنهنجي مجڻ وارن کان بچت مال ملڪيت خرچ ڪرڻ جو مطالبو ڪري.ان خرچ ڪرڻ ۾ اجتماعي حڪومت حضرت رسول صلي الله عليہ وسلمجن ڪي پنهنجو نائب مقرر ڪيو.ان جي لاءِ ڪو بہ بيت المال هيو ئي ڪونہ جنهن ۾ دولت ۽ ان قسم جا مال گڏ ڪيا وڃن.

قرآن مجيد ۾ زڪوات جو لفظ مختلف سورتن جي ٻٽيهن آيتن ۾ آيل آهي اهي هي سورتون آهن:

البقره ،النساءِ ،المائده ،الاعراف ،التوبہ ،الڪهف ،مريم ،الانبياء ،الحج ،المومنون ،النور ،الروم ،لقمان ،الاحزاب ،فصلت ،المجادلہ ،المزمل ،البينہ.

انهن سورتن مان ڪجهه سورتون مڪي ۾ نازل ٿيل آهن ۽ ڪجهه مدينہ ۾ نازل ٿيل آهن.زڪوات جو مخصوص حصو تہ سيني عالمن جي چوڻ مطابق مدينہ منوره ۾ نازل ٿيو انڪري تہ مڪي سورتن ۾ جيڪو زڪوات جو بيان آيل آهي ان جو مطلب مفسرن هي ڪيو آهي تہ زڪوات مان مراد نفلي صدقو ۽ خيرات آهي.

حالانڪ هيءَ بہ حقيقت آهي تہ زڪوات فرض مڪي شريف ۾ ئي ٿي هئي.باقي مقرر حصو مدينہ منوره ۾ لازم قرار ڏنو ويو.

حقيقت اهائي صحيح آهي جيڪا متي لکجي چڪي آهي تہ شاهہ صاحب جي نظرئي مطابق مڪي شريف ۾ اجتماعي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي مسلمان پنهنجا اختلافي فيصلا پيغمبر عليہ السلام جن کان ڪرائيندا هئا ۽ اجتماعي حڪومت خرچ ڪرڻ(انفاق) جي معاملي ۾ مسلمانن کي خود مختيار بنائي ڪين پنهنجو نائب بنائي ڇڏيو هو.معاشري کي جيتري بہ مدد جي ضرورت پوندي هئي ان مطابق مالي معاملن ۾ انهن کي هيءُ حڪم هوندو هيو تہ حاجت کان وڌيڪ مال حاجتمند مسڪينن ۾ خرچ ڪري ڇڏين.مڪہ مڪرمہ ۾ هجرت کان اڳ ۾ بيت المال جو وجود ئي ڪونہ هو.مال غنيمت ۽ اهڙا ٻيا ذريعا نہ هئڻ سبب ضرورت جي موافق خرچ ڪرڻ جو حڪم هيو.

هجرت کانپوءِ حالتن ڦيرو کاڌو مال غنيمت اچڻ شروع ٿيو.بيت المال ٺهي ويو.مڪي وارين حالتن جي ڀيٽ ۾ خوشحالي اچي وئي تہ زڪوات ۾ حديث مطابق چاليهون حصو مقرر ٿيو.سوره بقره جيتوڻيڪ مديني ۾ نازل ٿيل آهي پر ان ۾ آيت نمبر 219 ۾ هي ارشاد آهي تہ "ويسئلونک ماذا ينفقون قل العفو" يعني اي پيغمبر صلي اللہ عليہ وسلم توهان کان پڇن ٿا تہ اهي ڇا خرچ ڪن.اوهان ٻڌايو تہ ضرورت کان وڌيڪ سڀ مال خرچ ڪري ڇڏين.

ان آيت ۾ اللہ تعالي خرچ ڪرڻ جو اندازو ٻڌايو آهي پر حاجتن کان وڌيڪ جي خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏئي مسلمانن جي مرضيءَ تي ڇڏي ڏنو.جيئن جهاد يا ٻين ضروري معاملن جي گهرجن آهر پنهنجي سمجهہ ۽ بصيرت کان ڪم وٺي خرچ ڪن.

مفتي محمد عبده مصري "العفو" جي تفسير ۾ لکي ٿو تہ:

**"وهو الفضل والزياده عن الحاجۃ وعليہ الاڪثر .وقال بعضهم ان العفو نقيض الجهد اي ينفقون ماسهل ونيسر لهم مما يڪون فاضلاعن حاجتهم وحاجۃ من يعولون.**

عفو جي معني آهي ضرورت کان وڌيڪ مال گهڻن عالمن جو اهوئي چوڻ آهي ڪي عالم چون ٿا تہ "عفو" جهد جو ضد آهي معني هي ٿيندي تہ انهن کي جيترو آسان ۽ سولو لڳي اهو خرچ ڪري ڇڏين يعني جيڪو بہ اهل عيال جي حاجت کان وڌيڪ هجي(تفسير المنار جلد2 ص 337)

اسلام جي ابتدائي دور ۾ ان اصول تي عمل هيو ۽ اجتماعي خوشحاليءَ جو خيال رکيو ويندو هو.معاشري ۾ هر هڪ ماڻهوءَ جي معيشيت جو هڪ جهڙو حق

سمجهيو ويندو هو.وقت جي خليفي(حاڪم) جو بہ بيت المال ۾ايترو ئي حق هوندو هو جيترو هڪ عام ماڻهوءَ جو هوندو هو.

ابو عبيد پنهنجي ڪتاب“ الاموال”(ص 266) ۾ خليفہ عادل حضرت عمر رضي الله تعالي عنہ جي متعلق هڪ واقعو لکيو آهي تہ حضرت عمر رضہ جن پنهنجي خلافت جي ابتدائي زماني ۾ مسلمانن کي گڏ ڪيو ۽ فرمايو تہ ان مال(بيت المال) مان خليفي لاءِ ڪيترو کڻڻ جائز آهي؟سيني گڏجي مشورو ڏنو تہ ان کي سندس ضرورت ۽ سندس اهل عيال جي ضرورت جيترو کڻڻ گهرجي.ان ۾ ڪابہ ڪمي پيشي نہ هجڻ گهرجي.اهڙي طرح پنهنجي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي لاءِ ڪپڙي يا ٻئي مال جي ورهاست ۾ خليفي جو بہ سيني جيترو ئي حق آهي.حضرت عمر رضہ اهو ٻڌي فرمايو تہ توهان جي بيت المال ۾ منهنجو رڳو ايترو حق آهي جيترو ڪنهن يتيم جي مال ۾ سندس پالنا ڪرڻ واري جو حق هوندو آهي.جيڪڏهن مون کي ضرورت نہ پوندي تہ ڪجهہ بہ نہ کڻندس ۽ جڏهن حاجت پوندي تہ دستور موجب ٻين وانگر کائڻ لاءِ کڻندس.

ڪتاب الخراج(ص 27) ۾ حضرت عمر رضہ کان روايت آهي تہ خدا جوقسم جيڪڏهن آئون جيئرو رهيس تہ عراق وارن جي بيواهہ زالن کي اهڙو خود ڪفيل ڪري ڇڏيندس جو هو مون کانپوءِ ڪنهن بہ امير ڏي محتاج نہ ٿينديون. ساڳئي ڪتاب ۾ هڪ قصو نقل ڪيو ويو آهي تہ جڏهن حضرت عمر رضہ خليفو ٿيو تڏهن حضرت علي رضہ جن کيس فرمايو تہ جيڪڏهن توهان گهرو ٿاتہ توهان کي توهان جي ساٿيءَ(حضرت ابوبڪر صديق رضہ) سان رفاقت نصيب ٿئي تہ پوءِ توهان کي گهرجي تہ قميص ۾ گوڏ ۾ چتيون لڳرايو(يعني پراڻا ڪپڙا پايو) جُتي بہ چتي لڳل پايو جورابا بہ پراڻا پايو.اميدن کي ننڍو ڪيو ۽ پيٽ ڀري ماني بہ نہ کائو(ص5)

جهڙي طرح عادل خليفي لاءِ بيت المال مان حاجت جي موافق بيت المال مان وٺڻ جي اجازت آهي اهڙي طرح حاڪمن کي بہ سندن حاجت جي موافق بيت المال مان وٺڻ جي اجازت آهي شاهہ ولي الله جن بہ ان سلسلي ۾ لکيو آهي تہ:

**“ثم ان کان الامام لا يستطيع بنفسہ ان يباشر جبايتہ الصدقات واخذ العشور و فصل القضاءَ في کل ناحيتہ وجب بعث العمال والقضات ولما کان اولائک لمشغولون بامر من مصالح العامتہ وجب ان تکون ڪفايتهم في بيت المال”**

پوءِ جڏهن حاڪم ۾ اڪيلي سر اها طاقت ناهي جو صدقات ۽ عشر پاڻ وصول ڪري سگهي يا هر طرف جي فيصلن ڪي پاڻ پنهنجي سر نبيري سگهي.تڏهن ان لاءِ ضروري آهي تہ ٻيا عملدار ۽ قاضي هر جڳهہ تي مقرر ڪري ۽ جڏهن قاضي يا ٻيا عملدار عوام جي خدمت ۾ رڌل رهندا آهن تہ پوءِ ضروري هوندو آهي جو انهن عملدارن جون گهرجون بيت المال مان پوريون ڪيون وڃن.”

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ معاشري ۽ سماج جي ڀلائي(سعادت) آهي ئي قومي بهبودي ۽ ڪاميابيءَ جو نالو.فرد جي سعادت اجتماعي ۽ سماجي سعادت تي دارومدار رکي ٿي.سماج جي سيني حقن ۽ نفعن کي اسلام اجتماعيت ۽ ان جي فردن جي طبقن ۾ مشترڪ قرار ڏنو آهي.ان ڪري هر ماڻهوءَ تي فرض آهي تہ هو سماج جي سڌاري لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهي.

اجتماعيت جي سعادت عدل ۽ انصاف واري قانون سان ٻڌل آهي ۽ انصاف قائم ڪرڻ لاءِ ڪنهن قانون جو هجڻ ضروري آهي جهڙي طرح آسمان ۾ تارن جي جوڙجڪ يا ٻئي ڪائنات جي انتظام کي الله تعالي هڪ قسم جي ڪشش ۽ سندن پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان تعلق قائم ڪيو آهي.اهڙي طرح انساني معاشري ۽ اجتماع جي پاڻ ۾ انتظام ۽ ربط لاءِ ضرورتون پوريون ڪرڻ هڪ قانون آهي.جنهن مطابق هر هڪ ماڻهو پنهنجن گهرجن ۾ ٻين ماڻهن جو محتاج هوندو آهي.ان هڪ ٻئي ڏانهن محتاجيءَ سبب سماج ۽ معاشرو نهندو آهي.

اسلام ۾ زڪوات جو درجو بہ دين جي هڪ اجتماعي رڪن وارو درجو آهي.جنهن سان گڏيل معاشري جي ڀلائي ۽ گڏيل مصلحتن جو انتظام تعلق رکي ٿو.رڳو زڪوات نہ پر اسلام ۾ جيترا بہ مالي تصرفات آهن انهن سيني ۾ حڪمت اسلامي اجتماع ۽ سماج جي دنياوي ڀلائي جو خيال رکڻ آهي.پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ هن سائنسي دور جون سڌريل قومون پنهنجي قومي برتري ۽ ترقي لاءِ لکين ڪروڙين رپيا گهڙيءَ ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿيون پر مسلمانن جو ان پاسي ڪوبہ ڌيان ئي نہ آهي.اسان جوا ۽ وياج لاءِ تہ هيئن سمجهيو آهي تہ يمحق الله الربوا(الله تعالي وياج کي ختم ٿو ڪري)تہ ڇا اسان تي هي واجب نہ آهي جو اسان يربي الصدقات (يعني الله تعالي صدقات کي وڌائي ٿو) جي مطلب کي بہ سمجهون.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو آهي تہ:

**ترڪت فيڪم امرين لن تضلواما تمستڪم بهما ڪتاب الله و سنتہ نبيہ**

“مون توهان جي لاءِ ٻہ شيون ڇڏيون آهن جيسين انهن ٻنهي تي توهان جو عمل رهندو توهان ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿيندو هڪ شيءِ آهي الله تعالي جو ڪتاب ۽ ٻئي شيءِ آهي نبي عليہ السلام جي سنت.

اها حديث حضرت شاهہ ولي الله “مسوي” ۾ آندي آهي.حضرت رسول صلي الله عليہ وسلم جن جي پنهنجي اجتماعي زندگيءَ ۾ هيءَ سنت هئي تہ قوت لا يموت (ايترو ڪائڻ لاءِ رکڻ جنهن مان ماڻهوءَ جو رڳو جياپو ٿي سگهي) تي گذر سفر هوندو هو ۽ پنهنجي سموري ڪوشش الله تعالي جي ڪلمي کي بلند ڪرڻ ۽ مخلوق تان مصيبتن ٽارڻ ۾ خرچ ڪندا هئا.انساني اجتماعيت ۽ تمدن ۾ الله تعالي جو سڀ کان وڏو ڪلمو آهي مالي گهرجن ۾ عدل ۽ انصاف قائم ڪرڻ ۽ ان معني ۾ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي سنت جي پيروي هن معاشري جي سڀني خرابين جي سڌاري جو هڪ بهترين علاج آهي.

منهنجو استاد علامہ عبيد الله سنڌي صاحب تہ عيش پرستي(رفاهيت بالغہ) ۽ آرام طلبيءَ جي گهٽائي کي حرام قرار ڏيندو هو ۽ ساڳئي طرح ايترو گهڻو سرمايو ۽ گهڻي دولت ڪٺي ڪرڻ کي بہ هو حرام چوندو هو.جيڪا دولت عيش عشرت ۽ آرام پرستيءَ جو سبب بنجي پوي ۽ اهو حرام شرعي قاعدن سان ڪٿي نہ بہ ٿئي تہ بہ اخلاقي طور حرام هجڻ ۾ تہ ڪنهن کي بہ شڪ ناهي.حضرت استاد صاحب جي نظر ۾ هيءَ بہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم ۽ سندن بزرگ صحابن جي سيرت هئي ۽ هيءَ بہ حقيقت آهي تہ اهڙي گهڻي دولت جو حرام هجڻ ان وقت تہ اڃا بہ وڌيڪ ضروري ٿي پوي ٿو.جڏهن قوم جا اڪثر فرد محتاج ۽ مالي وسيلن کان محروم هجن.

قرآن شريف ۾ ارشاد آهي تہ:

وانفقوا مما جعلناڪم مستحقين فيہ يعني جنهن مال ۾ الله تعالي توهان کي نائب ۽ خليفو بڻايو آهي ان مان محتاجن تي خرچ ڪيو.

ان آيت ۾ الله تعالي انسان کي سندس هر مال جو نائب قرار ڏنو آهي ۽ اصل ملڪيت رڳو الله تعالي جي ئي آهي.

ٻي آيت ۾ ارشاد آهي تہ:

وآتوهم من مال الله الذي آتاكم(يعني ۽ توهان (ضرورتمندن کي) الله تعالي جي مال مان ڏيندا ڪريوجيڪو الله تعالي اوهان کي ڏنو آهي)

ان آيت ۾ بہ انسان جي ملڪيت کي الله تعالي جي ملڪيت سڏيو ويو آهي ۽ ان ملڪيت کي ضرورتمندن جي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم ۽ سندن صحابہ سڀَورن بہ يقينن انهن آيتن تي عمل ڪري ڏيکاريو ۽ ڪائنات پوءِ ايندڙ انسانن لاءِ اهو اسوه حسنہ جو درجو رکي ٿو.حضرت عمر رضہ لاءِ مشهور آهي تہ سال جي پڇاڙي ۾ پنهنجي گهر کي ٻهاري خالي ڪندو هو تہ جيئن سماج جو ڪوبہ فرد محروم نہ رهجي وڃي (حروف اوائل السور مرتب علامہ موسي جار الله ص 234)

## ◈هڪ شبهي جو ازالو

متئين تحقيق مان هرگز هيئن نہ سمجهڻ گهرجي تہ جيڪڏهن سماج ۽ اجتماع جو ڪوبہ فرد ڪنهن بہ مادي شيءِ يامال کي حلال طريقي سان ڪمائي ٿوپوءِ بہ هو ان کي استمال جو ڪوبہ حق نٿو رکي ايئن سمجهڻ بلڪل غلط آهي ڇو تہ جيڪو ماڻهو پنهنجي محنت مزدوري سان ڪجهہ ڪمائي ٿو تہ ان کي هو ڪپائڻ جو بہ پورو حق رکي ٿو.ڇو تہ ملڪيت کي قبضي ۾ ڪرڻ سان ظاهري طرح تہ ماڻهو مالڪ ٿي وڃي ٿو پر ان کي ڪپائڻ ۽ خرچ ڪرڻ ۾ هي شرط لڳايو ويو آهي تہ ان سان اجتماعي حقن جي مخالفت نہ ٿئي.ورنہ ڪائنس ان متعلق پڇاڻو ضرور ٿيندو.ڇاڪاڻ تہ ايئن ڪرڻ سان ماڻهوءَ جي نائب هجڻ واري فرض ۾ ڪوتاهي لازم ايندي ۽ ان سان ذخيره اندوزي جهڙي لعنت پيدا ٿي پوندي ۽ آهستي آهستي هڪ خاص طبقي جي ماڻهن جي هٿن ۾ دولت گڏ ٿيندي ويندي ۽ دولت جي صحيح تقسيم نہ ٿي سگهندي ۽ ماڻهن جا برابريءَ وارا حق ختم ٿي ويندا ۽ رڳو چند خاندانن وٽ عيش عشرت جو سامان گڏ ٿي ويندو.اهڙي معاشري لاءِ شاهہ ولي الله جن جيڪو ڪجهہ پنهنجن ڪتابن بدور بازغہ ،حجتہ الله البالغہ تفهيمات الاهيہ،خير ڪثير ۾ لکيو آهي ان جا ڪجهہ ٽڪرا ترجمو ڪري هيٺ ڏجن ٿا ۽ وڌيڪ تفصيل اصل ڪتابن ۾ ڏسڻ گهرجن.

شاهہ صاحب جن لکيو آهي تہ :"زمين جوحقيقي مالڪ الله آهي.ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهو ايئن آهن جيئن ڪو مسافرخاني ۾ رهندو هجي.اهڙو حياتي جو نظام جنهن ۾ چند ماڻهن وٽ يا چند خاندانن وٽ عيش عشرت سبب



www.sindhsalamat.com

دولت جي صحيح تقسيم ۾ خلل پوي.ان لاءِ مناسب آهي تہ ان کي جلدي ختم ڪري عوام کي مساوات ۽ هجهڙائي واري نظام مان فائدي وٺڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي.دولت جو اصلي بنياد محنت آهي.جيسيتائين ڪو ماڻهو ملڪ ۽ قوم لاءِ محنت نٿو ڪري ملڪ جي دولت ۾ ان جو ڪوبہ حصو نہ آهي.قوم جو عيش پرست طبقو قوم جي لاءِ هڪ وڏو بار بنجي پوندوآهي.پورهيتن جي ڪمائيءَ تي نڪمن ماڻهن جو قبضو انقلاب جو سبب بڻبو آهي ۽ جيڪو معاشرو پنهنجي عوام جي بنيادي گهرجن کي پورو نٿو ڪري سگهي اهڙي معاشري کي ختم ٿيڻ ئي گهرجي.قوم جي وڏن ماڻهن جو دنياوي لذتن ۾ ڦاسي پوڻ هڪ اڻ چٽنڊڙ مرض وانگر آهي ۽ طبقي بندي اسلام جي روح جي خلاف آهي.انساني فرد جون بنيادي ٿي ضرورتون آهن اٽو ،لٽو ،اجهو يعني کاڌو پيتو لباسءِ رهائش لاءِ گهر اهي ٿيئي گهرجون تہ سڀ کان اول پوريون ٿيڻ گهرجن.جنهن معاشري ۾ ماڻهن جي لاءِ کائڻ پيئڻ جو پورو بندوبست نٿي سگهي ان معاشري وارن ماڻهن جي اخلاقي حالت بہ بڇڙي ٿي پوندي آهي ۽ انهن ماڻهن جي دماغي ۽ ذهني حالت بہ پنتي بنجي ويندي آهي.اعتدال پسندي ۽ وچٽرو آرام معاشري لاءِ تمام اهم شيءِ آهي.هر هڪ ماڻهوءَ لاءِ رهڻ لاءِ اهڙي جڳهہ هجڻ گهرجي جنهن ۾ سردي ۽ گرميءَ کان بچاءَ ۽ ياتين جي سامان سڙي جي حفاظت جو اجهو هجي.ان جي ڊيگهہ موڪر مناسب هجي.هوا جو گذر سنو ۽ اگڻ بہ مناسب هجي ۽ اهڙو گهر ماڻهوءَ کي آساني سان ملڻ گهرجي.تمدن جو ڪمال ۽ سندس پلائي ان ۾ آهي تہ هو ترقيءَ جي اصولن(ارتفاقات) تي هلي ۽ روحاني ترقيءَ جي اصولن(اقترابات) مان فائدو وٺي.

## ◈قرآن جو فڪر:

حضرت شاه ولي الله رحہ جن جي متين حڪمت پري تعليم ۽ اهڙو فڪر اصل ۾ قرآن پاڪ جي تعليم جو نچوڙ آهي.هيءَ هڪ مجيل حقيقت آهي تہ قرآن شريف انسان لاءِ هڪ جامع فڪر پيش ڪري ٿو جنهن سان انسانن کي معاشي مصيبتن کان ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو ۽ ان سان خدا پرستي جي راهہ بہ کلي پوي ٿي ۽ دنيا ۽ آخرت ٻئي سموارجي پون ٿا.اسلامي اجتماعيت ۽ مادي اشتراڪيت ۾ اهوئي فرق تہ آهي جو سوشلزم

(مادي اشتراڪيت)انسان لاءِ رڳو هڪ مادي ضرورت کي پورو ڪري سگهي ٿو جڏهن تہ اسلامي اجتماعيت انسانن لاءِ دنيا ۽ آخرت ٻنهي جي ڪاميابيءَ ۽ پلائي جو پيغام

آهي.قرآن مجيد جي ان فڪر بابت منهنجي استاد حضرت علامہ عبيد الله سنڌي جن جو هي وضاحتي اشارو بہ اجهو هيءُ آهي:

“قرآن حڪيم انسانيت جي ترقيءَ لاءِ هڪ اهڙو صالح فڪر پيش ڪري ٿو.جنهن ۾ انسانيت جا سڀ پاسا اچي وڃن ٿا.ان سان انساني سوسائٽي جي معاشي اصلاح بہ ٿئي ٿي تہ اخروي سڌاري جي تياري بہ.ان فڪر ڪي مڃڻ واري جماعت دنيا ۾ ڪامياب ٿي انساني سوسائٽي ۾ انصاف قائم ڪندي آهي.اها غريبن ۽ مسڪينن جي هر قسم جي انساني ضرورتن ڪي پوري ڪرڻ جو ذمو ڪڻندي آهي ۽ انهن ڪي سيني معاشي مصيبتن کان بچائيندي آهي.جيئن ماڻهن جو الله تعالي سان تعلق پيدا ڪرڻ جو رستو آسان ٿي پوي اهڙي انصاف ۽ خدا پرستيءَ جو نتيجو هي نڪرندو آهي جو مرڻ ڪانپوءِ واري زندگي ۾ بہ ان جو رستو صاف ٿي پوندو آهي.۽ ان جي ترقي ۾ ڪابہ رڪاوٽ آڏو نہ ايندي آهي ۽ اها جماعت اهڙي ذميواري پاڻ تي انڪري ڪڻندي آهي جو هوءَ سمجهندي آهي تہ انسانيت جي خدمت بہ خدا پرستيءَ جو جزو آهي ۽ خدا پرستي جو لازمي نتيجو آهي.اهوئي سبب آهي جو اها جماعت ان انساني خدمت جو بدلو دنيا جي ڪنهن مال ملڪيت يا عزت ۽ مان مرتبي جي شڪل ۾ وٺڻ پنهنجي لاءِ ضروري سمجهندي آهي.

پنهنجي خلاف ڏسي ان فڪر ڪي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي تہ سرمائيداري جي مخالف قرآني جماعت جي اصطلاح ۾ ان ڪي “ڪافر” چيو ويندو آهي.۽ اها قرآني جماعت پنهنجو فرض سمجهندي آهي تہ ڪافرن کان اهڙي طاقت ڪسي ڪين ايترو تہ ڪمزور ڪري ڇڏي جو بيهر هو ايري ئي نہ سگهن.قرآن حڪيم ڪافرن سان لڙڻ ان ڪري ضروري نہ ڪيو آهي جو اهي ان فڪر ڪي نٿا مڃڻ.پر رڳو انڪري هنن سان لڙڻو آهي جو اهي طاقت وني ماڻهن ڪي انسانيت واري رستي تي هلڻ کان نہ روڪين.جنهن جي دعوت قرآن شريف ڏئي ٿو ۽ پنهنجي غلط رستي تي ماڻهن ڪي هلائڻ لاءِ مجبور نہ ڪري سگهن

(جنگ انقلاب تفسير سوره قتال(ص28)

## ◈ سماج جو هر هڪ ماڻهو محنت ڪري ڪمائي ڪائي

اسلام جي بڌايل صالح معاشري جي هر فرد لاءِ هٿ جي پورهئي سان ڪمائي ڪائڻ ۽ محنت مزدوريءَ سان پنهنجون گهرجون پوريون ڪرڻ تمام ضروري آهي.جيڪڏهن ڪي ماڻهو محنت مزدوري ڇڏي ٻين جي ڪمائيءَ ۾ اک وجهي ويهي

رهن تہ اهڙو معاشرو سڙيل ۽ صالح معاشرو نہ سڏبو ۽ جنهن حڪومت جو بنياد اهڙي اڻپوري ۽ بيمار معاشري تي هوندو.اها حڪومت هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور تباهہ ۽ برباد ٿيندي ۽ اهي مفت خور نڪما بہ پنهنجو برو حشر ضرور ڏسندا.شاهہ ولي الله صاحب ان جي وضاحت ڪندي پنهنجي جڳ مشهور تصنيف“حجتہ الله البالغہ” ۾ لکيو آهي تہ:

“۽ هن دور ۾ حڪومت جي بربادي ۡ جو وڏو سبب بہ ڳالهيون آهن پهرين ڳالهہ هيءَ آهي تہ خزاني تي مفت خورن جو ڳرو بار پيل رهي ٿو.انهن مان ڪجهہ ماڻهو تہ پاڻ کي مجاهد ۽ غازي سمجهي خزاني جي مال کي ڦرڻ ۽ ڦٻائڻ جا هيراڪ ٿي ويا آهن ۽ ڪي وري پاڻ کي عالم جي حيثيت سان خزاني جو حقدار سمجهن ٿا ۽ ڪي اهڙا آهن جن کي انعامن ۽ عهدن سان نوازڻ يا انهن کي رقمون ڏيڻ سرمائيدارن جي عادت هوندي آهي. جيئن ڪي صوفي ،زاهد ( بزرگ) يا درٻاري شاعر ،ڪي اهڙا بہ هوندا آهن جن کي ٻين لفظن ۾ پينو يا گداگر چئي سگهجي ٿو.انهن جو مقصد بہ رڳو پيسو ميڙڻ ۽ پنهنجو پيٽ پرڻ هوندو آهي.هو اهو خيال ئي نہ ڪندا آهن تہ سماج(سوسائٽي) جي ضرورت ۽ مصلحت ان مان پوري ٿئي ٿي يا نہ.نيٺ ان جو نتيجو نڪرندو آهي جو هڪ جماعت ٻي جماعت جو مقابلو ڪندي آهي ۽ پوءِ اهي ٻئي هڪ ٻئي لاءِ معاشي اڻ برابريءَ جو سبب بڻبا آهن ۽ هلندي هلندي اهڙي قسم جا ماڻهو شهر ۽ معاشري تي وڏو بار بنجي پوندا آهن.

ٻي هيءَ ڳالهہ تہ هارين ،واپارين ۽ ڪاريگرن تي حڪومت وڏا وڏا ٽيڪس وجهي ڇڏيا آهن ۽ ان جي وصول ڪرڻ ۾ انهن تي سختي ۽ تشدد پڻ ڪيو وڃي ٿو.جنهن جو نتيجو هي نڪرندو آهي تہ حڪومت جو وفادار طبقو بہ انهن ٽيڪسن جي بار هيٺيان پيڙيو ۽ پوئتي پوندو آهي.ٻئي پاسي ٻئي هڪ اهڙي ٽولي بہ هوندي آهي.جيڪا ان ناجائز سختيءَ کان تنگ اچي بغاوت جي واٽ وٺندي آهي.بهرحال سماج جو سڌارو ان ۾ آهي تہ ٽيڪس گهٽ لڳايو وڃي ۽ ماڻهن جي حقن جي حفاظت جو گهڻو خيال رکيو وڃي.(حجتہ الله البالغہ ص 45)

شاهہ صاحب جن ان قسم جي ٻي بہ عبارت آندي آهي.جنهن ۾ سرمائيدارانہ نظام جي بيڪار معاشري بابت فرمائن ٿا تہ:

“ملڪ جا گهڻا ماڻهو بادشاهہ جو جڻ عيال بنجي ويندا آهن.ڪڏهن اهي هيئن چئي وڏيون رقمون حاصل ڪندا آهن تہ اهي غازي ۽ مجاهد آهن ۽ ملڪ جي سياست جا مدبر آهن ۽ انهن رقمن سان هنن جي ڪنهن ضرورت يا حاجت ڪي پورو

سنڌ سلامت . ڪام

ڪرڻ مقصد نہ هوندو آهي پر ابي ڏاڏي واري مفت خوريءَ واري رسم کي برقرار رکڻو هوندو آهي ۽ ڪڏهن هيئن چوندي خزاني تي ڳروبار بنجي پوندا آهن تہ اسان درٻاري (سرڪاري) شاعر آهيون.بادشاهن جي تہ عادت هوندي آهي تہ شاعرن کي انعام اڪرام ڏيندا آهن ۽ ڪي وري ماڻهو وري پاڻ کي زاهد درويش ظاهر ڪري خيرات گهرندا وتندا آهن ۽ اهڙي طرح هڪ ٻئي لاءِ تنگيءَ جو سبب بنجي پوندا آهن ۽ انهن جي ڪمائي جو ذريعو رڳو بادشاهن (سرمائيدارن) جي ڪچهري چاپلوسي ۽ تعريف ڪرڻ هوندو آهي.نيٺ اهو هڪ اهڙو هنر بنجي ويندو آهي جو انهن ماڻهن جا فڪر ۽ سندن ذهني صلاحيتون رڳو ان سوچ ۾ رذل هونديون آهن.ان ۾ سندن وقت وڃائبو رهيو آهي.جڏهن سماج ۾ اهڙي قسم جي ماڻهن جي گهڻائي ٿي ويندي آهي تڏهن ماڻهن جي خيالن ۾ اها بلند پرواز ۽ سٺي سوچ نہ رهندي آهي ۽ اهي سٺن اخلاقن کان پاسيرا ٿي پوندا آهن.”

## ◈سماج

هتي مناسب معلوم ٿئي ٿو تہ اجتماعيت تي بحث سان گڏ ڪجهہ انساني اجتماع ۽ سماج تي بہ شاهہ صاحب جن جي راءِ معلوم ڪئي وڃي تہ جيئن اهو بحث اڌورو ۽ اڌورو نہ رهجي وڃي.

شاهہ صاحب انساني اجتماع يا معاشري جو اصل بنياد بہ خود انسان کي مڃي ٿو.اها صلاحيت سندس فطري تقاضا آهي.جيسيتائين انسان جي ضرورتن ۽ گهرجن جو تعلق آهي مثلا کائڻ پيئڻ ،جنسي لاڙو ،سخت سردي يا گرمي کان بچاءُ وغيره.انهن سڀني گهرجن ۾ انسان بہ ٻين جانورن وانگر آهي.قدرت پاران هر هڪ حيوان کي طبعي الهام ذريعي اها سمجهہ عطا ڪئي وئي آهي تہ هو ڪهڙي طرح انهن گهرجن کي پورو ڪري سگهي ٿو.انهن طبعي خواهشن ۾ سڀ انسان هڪ جهڙي حيثيت رکن ٿا.انهن اڌورن ماڻهن ڪانسواءِ جن ۾ انسانيت اجا پوري طرح نہ آئي آهي ۽ اهو طبعي الهام رڳو ماڻهن لاءِ خاص ڪونهي جو ٻين حيوانن کي بہ ٿيندو آهي.جيئن ماکيءَ جي مک کي الهام ٿيو آهي تہ اها ڪهڙي طرح اجتماعي زندگي گذارن مثلا ميون ۽ گلن جي چونڊ ۽ رهڻ لاءِ مانارو ڪيئن ناهي.ماناري ۾ رهڻ جو خاص اجتماعي طريقو ۽ راڻيءَ جي رهنمائي ۾ ڪم ڪرڻ ۽ ماکي کي گڏ ڪرڻ وغيره ماکيءَ جي مک کي اها سڀ سکيا سندس فطرت کان پيدائشي طرح مليل آهي.اهڙي طرح پکين کي بہ سندن گهرج مطابق سيکاريو ويو آهي تہ اهي ڪيئن داڻي پاڻيءَ جي تلاش ڪن ۽ ٻلي ۽ شڪاريءَ کان ڪهڙي طرح بچي وڃن ۽ جيڪڏهن سندن گهرج جي طلب ۾ ڪا رڪاوٽ آڏو اچي تہ ان


www.sindhsalamat.com

سان ڪيئن منهن ڏين .نر ۽ ماديءَ جو هڪ خاص طريقي تي آنن کي ڦوڙڻ ٻچن کي چڳائڻ آهي اهي سڀ ڳالهيون سندن فطرت کين سيکاريون آهن.اهڙي طرح هر قسم جي مخلوقات جون ڪي طبعي گهرجون هونديون آهن.جيڪي انهن جي نوعي طبيعت طرفان انهن جي فردن کي سمجهايل هونديون آهن (حجتہ الله البالغہ ص 38)

اهڙي طرح انسان کي بہ سندس فطرت طرفان ان قسم جي تعليم ڏني وئي آهي تہ هو دنيا جي مادي شين مان ڪهڙي طرح فائدو حاصل ڪري ۽ انهن کي پنهنجي ڪم ۾ لائي.ان کي شاهہ ولي الله صاحب جي فلسفي ۾ ارتفاق چئبو آهي.

انسان جي نوعي صورت جڏهن تہ ٻين جانورن کان مٿانهين آهي.انسان نفس ناطقہ(علم جي صلاحيت رکندڙ نفس) جي نعمت سان نوازيل آهي.ان سان گڏ انسان ۾ زمين تي عدل ۽ انصاف واري نظام قائم ڪرڻ جي صلاحيت آهي ۽ ان کي علم سان روشن ڪرڻ جي صلاحيت بہ منجهس آهي.انڪري انسان کي ٽي خاص گهرجون اهڙيون مليل آهن جيڪي ٻين حيوانن کي نہ آهن.

1.انسان کي ظاهري ۽ باطني حواسن کانسواءِ ذهني طاقت بہ عطا ٿيل آهي.جنهن سان هو راءِ جي اظهار ۽ سوچ ويچار جي صلاحيت رکندو آهي.هو ظاهري شين کي تہ معلوم ڪري سگهي ٿو.پر سوچ ويچار سان نا معلوم شين کي بہ ڄاڻي سگهي ٿو.مطلب تہ انسان جي هيءَ خوبي آهي تہ هو ڪنهن بہ شيءِ ڏي پنهنجو لاڙو يا توجهہ پنهنجي ارادي سان ڪري سگهي ٿو.۽ ٻين حيوانن ۾ رڳو سندن طبيعت سان ڪنهن محسوس يا وهمي غرض مثال طور اڃ ،بک ، جنسي لاڙي وغيره ڏي شوق پيدا ٿيندو آهي.انسان ڪنهن معقول نفعي کي سامهون رکي اٿندو آهي.طبيعت خاموش هوندي آهي.مثلا گڏيل زندگيءَ(اجتناع) ۾ صالح نظام رائج ڪرڻ يااخلاقي سڌاري لاءِ ڪوشش ڪرڻ يا آخرت جي عذاب کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ فڪر ڪرڻ وغيره

2.انسان جي ٻي هيءَ خوبي آهي تہ اهو مادي شين مان نفعو حاصل ڪرڻ لاءِ لطافت ۽ شوق کان ڪم وٺندو آهي.مثال طور جانور تہ رڳو هي چاهيندا آهن تہ کين اها شيءِ ملي وڃي جنهن سان سندن ضرورت پوري ٿئي پر ماڻهو رڳو پنهنجي ضرورت جو خيال نہ رکندو آهي پر سهڻائي ،سيبتائي ۽ سنائيءَ جو طالبو رهندو آهي.مثلن هو هڪ تمام سهڻي عورت ،وڻندڙ لذيذ کاڌو سنو عمدو لباس ،۽ بهترين گهر کي پسند ڪندو آهي.

3.ٽين هيءَ خاصيت آهي تہ انسان ۾ ڪي ماڻهو وڏي عقل ۽ مٿانهين سمجهہ وارا بہ هوندا آهن.جيڪي انسان ذات لاءِ نيون نيون ايجادون ڪندا رهندا آهن ۽ اها ڳالهہ ٻين حيوانن ۾ نہ آهي.

ان مان سمجهہ ۾ آيو تہ انسان ٻي مخلوق جي ابتڙ اهڙا ڪم ڪندو آهي جيڪي ڪيس نہ تہ ظاهري پنجن حواسن سان معلوم ٿين ٿا نہ وري اهي شيون وهم ۽ خيال ۾ اچي سگهن ٿيون پر انهن شين کي رڳو انسان جو عقل ئي پسند ڪري ٿو.جيئن اخلاق کي سڌارڻ ،پنهنجي نفسياتي حالتن تي قابو پائڻ ۽ وڏيون وڏيون حڪومتون قائم ڪرڻ ۽ اهي سڀ ڳالهيون انساني فطرت جون تقاضائون آهن.جيڪڏهن ايئن هجي ها تہ مخلوق جو ڪوبہ قسم جيڪڏهن پنهنجين پنهنجين فطري گهرجن مطابق عمل ڪرڻ ڇڏي ڏئي تہ ان جي طبيعت درست رهندي آهي.

## ◈سماج جي ارتقا ۽ اوسر

شاهہ صاحب مخلوقات جي ارتقائي ڏاڪن جي مثال سان اجتماعي ادارن جي مختلف درجن جو پاڻ ۾ تعلق ۽ ڳانڍاپو سمجهائي ٿو.جنهن مان هيءَ خبر پوي ٿي تہ شاهہ صاحب جن انساني سماج ۾ ارتقا کي اهڙي طرح وڌنڙ مڃي ٿو.جهڙي طرح ڪائنات جا ٻيا نظارا آهن جيئن بدور بازغہ ۾ لکيو اٿن:

“انساني معاشري جي پهرين مرحلي ۾ اجتماعي ادارن جي جوڙجڪ جانورن جي گڏجي رهڻ کان ڪو گهڻو مختلف نہ ٿيندي آهي فرق رڳو هيترو هوندو آهي تہ حيوانن ۾ اهو ارتفاق(ارتقائي ڏاڪو)معمولي ۽ براءِ نام هوندو آهي ۽ انسان ۾ ان ارتفاق پوري طرح اوسر ورتي آهيجنهن سبب انساني معاشرو ان ابتدائي شڪل ۾ بہ حيوانن جي اجتماع جي بنسبت سنو ۽ مٿانهون درجو هوندو آهي.حيواني معاشري ڪانپوءِ انساني معاشري جواهوابتدائي مرحلو بلڪل ايئن نهندو آهي جهڙي طرح ڪائنات جي عنصرن مان جبل ۽ ٻي جان شيون پيدا ٿينديون آهن.انسان ۾ معاشري جو ٻيو درجو ان پهرئين درجي ڪانپوءِ ايندو آهي.ان کان اڳ ۾ نہ اچي سگهندو آهي.ان جو مثال صفا ايئن سمجهڻ گهرجي جيئن بي جان شين کان پوءِ نباتات جو وجود ۾ اچڻ.انساني معاشري جي ان درجي ۾ پهرئين درجي جون سڀ ڳالهيون ملن ٿيون.پر هاڻي ان ۾ لطافت ،سنائي ۽ بهتر تنظيم پيدا ٿي ويندي آهي.ٻئي درجي ڪانپوءِ انساني معاشري جي ٽئين درجي جو اچڻ.نباتات ڪانپوءِ حيوانن جي پيدائش وانگر آهي.جهڙي طرح حيوانن ۾ بہ

وڻن ٻوٽن واريون ڪي خوبيون ۽ خاصيتون ملن ٿيون.ساڳئي طرح ان ٽئين درجي ۾ ٻئين درجي جون صفتون ٻه هونديون آهن پر ڪجھه ٻئي نموني ۾ حيوانيت کانپوءِ انسانيت جي منزل ايندي آهي.ارتفاقات(اجتماعي ادارن) ۾ ان جو مثال ٽئين درجي ۽ چوٿين درجي کي سمجھڻ گھرجي.

## ◈ سماج جا درجا

“بدور بازغه” جي مٿين تحقيق مطابق شاهه صاحب جي نظر ۾ انساني معاشري يا اجتماع کي سندس ارتقا ۾ چئن مرحلن يا درجن مان گذرڻو پوندو آهي ۽ شاهه صاحب جي فلسفي ۾ ان کي“ارتفاقات”جي نالي سڏيو ويندو آهي.انهن مان انسانن جي گڏجي رهڻ جو پهريون درجو اها بنيادي منزل آهي جنهن کان انساني معاشري جو ڪوبه فرد بي پرواهه نٿو ٿي سگھي.انسان جون مٿي ڄاڻايل خاص صفتون سيني فردن ۾ هڪ جهڙيون نه هونديون آهن انڪري شاهه صاحب “ارتفاقات” جون ٻه حدون قائم ڪيون آهن.هڪ اها آهي جنهن کان ماڻهن جو ننڍو معاشرو به بي پرواهه نٿو رهي سگھي.ٻيءَ جو نه ڪٺي اها ماڻهن جي ڪا جماعت جبلن جي چوٽيءَ تي چو نه رهندي هجي يا سٽريل ملڪن کان تمام پري دنيا جي پاسن ڪنڊن ۾ رهندي هجي.شاهه صاحب جن جي اصطلاح ۾ ان جو نالو ارتفاق اول آهي.ان درجي جي هڪ بنيادي شيءِ زبان يا ٻولي آهي.جنهن سان انسان پنهجي دل جي ڳالهه ٻين کي سمجھائي ٿو ۽ پنهنجي خيالن کان ٻين کي واقف ڪري ٿو.جيڪڏهن ڪنهن معاشري يا جماعت ۾ پنهنجي دل ۾ آيل ڳالهه جي سمجھائڻ لاءِ ڪا زبان نه هجي ته اهڙو معاشرو ڪنهن به ڪم کي اجتماعي طور تي سرانجام نٿو ڏئي سگھي.

شاهه صاحب جن ان درجي ۾ جنهن ۾ زبان کي ضروري قرار ڏنو آهي اها ان جي ابتدائي شڪل آهي.مثلن جن شين سان ڏسڻ تي اثر پوندو آهي يا اهي ڳالهيون جن سان انسانن جي وجدانن ۽ احساسن ۾ هلچل پيدا ٿئي ٿي ۽ پوءِ انسان ڪوشش ڪندو آهي ته ڪنهن مناسب آواز ۽ لفظن سان پنهنجي ان وجدان يا احساس جو اظهار ڪري ۽ ٻين کي سمجھائي.ان قسم جي لفظن ۽ جملن کي ڪنهن به ٻوليءَ جو پهريو ڏاڪو سمجھيو ويندو آهي.ان کانپوءِ ان ٻوليءَ ۾ روز بروز واڌارو ٿيندو رهندو آهي.

سماج جي ان پهرئين ڏاڪي جون ٻيون شيون هي آهن : پوکي راهي ،کوهه کوٽڻ ،ڪاڏي پچائڻ جي ترڪيب معلوم ڪرڻ ،ٽانو ناهڻ .مال ڌارڻ۽ چارڻ ،انهن کي سواريءَ

جي ڪم آڻڻ ۽ ان جي گوشت ،کل ،پشم ،وارن ،کير مکڻ ۽ ان جي نسل مان نفعو حاصل ڪرڻ وغيره رهڻ جي جاءِ ۽ لباس ڍڪڻ به ان پهرئين درجي جي ضرورتن ۾ داخل آهن.ان درجي ۾ ماڻهوءَ لاءِ هڪ زال جي پڻ ضرورت هوندي آهي.جنهن ۾ ٻيو ڪوبہ ماڻهو ان ۾ رڪاوٽ نہ وجهي سگهي.ان سان هو جنسي جذبن جي پورائي سان گڏ نسل جي بقا ۽ گهريلو ڪم ڪار ۾ ٻانهن ٻيلي جو ڪم به وٺندو آهي."

انساني معاشري جي پهرئين درجي جي پابندي سيني قومن ۽ قبيلن جي لاءِ تمام ضروري آهي.ان جي پابندي ڪانسواءِ انهن جو اجتماعي زندگي بسر ڪرڻ ڏکيو بلڪ ناممڪن آهي.

## ◈سماج جي ٻي منزل

انساني اجتماع سماجي ارتقا ۽ اوسر جو پهريون ڏاڪو ٽپي وڌيڪ ترقيءَ لاءِ رستو هموار ڪندي جڏهن اڳتي وڌندو آهي تہ انساني اجتماع جي اها ٻي منزل سڏبي آهي ۽ ولي اللهي فلسفي ۾ انج نالو "ارتفاق ٻيو" آهي.

ان درجي ۾ انسان پنهنجي پهرئين درجي واري سادي سودي شڪل تي بس ڪري نٿو ويهي پر پنهنجن گهرجن پورين ڪرڻ لاءِ سنن وسيلن جي ڳولاجاري رکي ٿو ۽ ان عرصي ۾ سندس تجربن ۽ فطري عملن ۾ برابر واڌارو ٿيندو رهي ٿو ۽ اڳتي هلي سماج جي اجتماع جي ٻي منزل يا ٻيو درجو پيدا ٿيندو آهي.

ارتفاق ٻئين يا سماج ڪي ترقيءَ جر رستي تي هلائڻ لاءِ ڪهڙين شين جي ضرورت پوي ٿي؟ان جي پڌرائي لاءِ ضاهه صاحب جن پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب حجتہ الله البالغہ ۾ ٽي باب رکيا آهن.

1.فن آداب معاش(حياتي گذارڻ جو طريقو)

2.تدبير منزل(سماج ۾ اٿڻ ويهڻ جا طريقا)

3.اقتصاديات يا فن معاملات(واپار يا مالي وسيلا)

**1.فن آداب معاش(حياتي گذارڻ جو طريقو)**

ان فن مطابق زندگيءَ جا اهڙا اصول ۽ مناسب طريقا ٻڌايا ويندا آهن.جن جي رهبريءَ ۾ سماج جي پهرين ڏاڪي وارين زندگيءَ جي ضرورتن ڪي صحيح تجربن ۽ آزمودن جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو ويندو آهي.۽ پوءِ انهن مان اهي ڳالهيون اختيار ڪيون وينديون آهن جن مان نفعو گهڻو ۽ نقصان ٿورو ٿئي ۽ اهي طريقا عام خيال ۽ طبيعت جي موافق هوندا آهن.مثلن ڪائڻ پيئڻ ،رهڻ سهڻ ،اوڇڻ اوڍڻ ۽ گذر سفر جا مناسب طريقا اختيار ڪرڻ ۽ پنهنجي پسند جو خيال رکڻ.اهي سڀ ڳالهيون رفاعيت ياخوش حاليءَ سان ئي حاصل ٿي سگهنديون آهن.پر شرط هي آهي ته ان ۾ حد کان وڌيڪ آرام طلبي ۽ پاڻ ۾ اختلاف جي صورت پيدا نه ٿئي.

**2.تدبير منزل(سماج ۾ اٿڻ ويهڻ جي طريقا)**

اهو حڪمت ۽ دانائي جو هڪ فن آهي جنهن سان ڄاڻبو آهي ته گهر ڀاتين جا پاڻ ۾ تعلق ۽ ضابطا ۽ لاڳاپن ۾ ارتفاق جي ترقيءَ يافته شڪل جي حفاظت جي ڪهڙي صورت هجڻ گهرجي.ان ۾ سهٽي تدبير ۽ ٻين جي مرضيءَ(ڪلي راءِ) جو خيال رکيو ويندو آهي.تدبير منزل جو بنيادي اصول هي آهي ته انسان ڪي پنهنجي نسل جي بقا لاءِ ٻارن ڄڻڻ جي ضرورت هئي.جنهن ڪري ضروري هيو زال مڙس ٻئي پاڻ ۾ سني تعلق ۽ وٽندڙ ماحول سان گڏ گذارن.جڏهن ڪين اولاد پيدا ٿيندو آهي ته طبعي طرح انهن جي دلين ۾ اولاد تي ٻه ٻاجهه ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿي پوندو آهي ۽ ٻئي گڏجي اولاد جي پالنا ڪندا آهن.مرد ۽ عورت جو طبيعتون فطري طرح ڪجهه هڪ ٻئي کان جدا جدا خاصيتن واريون هونديون آهن.عورت ڪي گهرو ڪم ڪي سني نموني سان ڪرڻ جي ڄاڻ ۽ قابليت آهي ۽ مرد وري ڪجهه سخت محنت ۽ تڪليف وارا ڪم ڪري سگهندو آهي.انهن ٻنهي جو پنهنجي فطري گهرجن مطابق گهرو وهنوار هلائڻ.سني معيشيت جو بنياد آهي.۽ ان تعلق ڪي برقرار رکڻ لاءِ هي ٻه ضروري آهي ته گهر جي ڀاتين ۾ برابريءَ جو احساس سان گڏوگڏ هڪ ٻئي جي مرتبن ۽ درجن جي عزت ۽ احترام ٻه صحيح طريقي سان موجود هجي.شاهه صاحب جن حجته الله البالغہ ۾ ان تدبير منزل جي فن تي وڏو ڪشادو بحث ڪيو آهي وڌيڪ تفصيل ان ۾ ڏسڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com

## 3.اقتصاديات يا معاملات جو فن(واپار يا مالي وسيلا)

اجتماع جي ٻئي درجي جي هيءَ خاصيت هئي تہ زندگيءَ جي ضرورتن کي سٺي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ ان جي حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ ئي سماج کي سٺو ۽ خوشحال چئي سگھجي ٿو.ان صورت ۾ سماج جي هر هڪ ماڻهوءَ جي مرضي هوندي آهي تہ سندس حياتيءَ جي سڀني گھرجن جي پوري ڪرڻ ۾ سهڻائي ،سٺائي ۽ سيبتائي جو خيال رکيو وڃي.جڏهن ماڻهن جون ضرورتون وڌي ويون ۽ انهن جي سٺائي ۽ سهڻائيءَ جو خيال بہ آڏو آيو تڏهن اها ناممڪلن ڳالھ ٿي پئي تہ ضرورت وارين شين کي اڪيلو ماڻهو پنهنجو پاڻ تيار ڪري.انڪري جدا جدا ماڻهو انساني گھرجن جي شين ناهڻ ۾ مشغول ٿي ويا ۽ ان ريت مختلف ڌنڌا پيدا ٿيا ۽ انلاءِ هي بہ ضروري ٿي پيو تہ هڪ ٻئي سان ڏيتي ليتي وارو معاملو ڪري اجتماعي زندگي گذارين.

ڌنڌن جي ايترن قسمن سان هيئن ٿي پيو تہ هر شخص ضرورت وارين شين امن ڪابہ هڪ شيءِ ناهڻ لڳو.جڏهن تہ جيئڻ لاءِ ڪيس ٻين بہ ڪيترين شين جي ضرورت هئي.انڪري سماج جي سڀني ماڻهن لاءِ سڀني ضروري شين مان فائدي وٺڻ جو سهڻو ۽ آسان طريقو اهو ئي هيو تہ هڪ جنس کي ٻي جنس سان مٽا سٽا جو طريقو رواج ۾ آندو وڃي مثلن هڪ هاري ٻئي ڌنڌي واري کي اَنُ ڏيئي بدلي ۾ پنهنجي ضرورتن جون شيون وٺي.ڪنهن وقت تائين ماڻهن پاڻ ۾ ايئن مٽا سٽا سان گذر پئي ڪيو.پر ايئن ڪرڻ سان هڪ تہ ٻنهي ڌرين کي ڪجھ ڏکيائي ٿيندي هئي ٻيو تہ هيئن بہ ٿي پيو جو مثلن هڪ ماڻهوءَ وٽ اَنُ آهي پر ڪيس ڪپھ جي ضرورت پوي پئي ۽ ٻئي وٽ ڪپھ ناهي پر ان کي ان جي ضرورت نہ آهي انوت اڳ ۾ ئي جام آهي.جڏهن ان قسم جون تڪليفون آڏو آيون تڏهن ان جو حل هي ڳوليو ويو تہ سون ۽ چاندي کي مٽا سٽا جو ذريعو بنايو ويو.ان ڪري جو سون ۽ چاندي ان مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ نهايت مناسب هئا.جو تہ انهن جي هيڏي هوڏي آڻڻ نيڻ ۾ سهولت هئي ۽ انهن جي جزن ۾ڪنهن حد تائين هڪ جهڙائي بہ هئي.جڻ تہ سون ۽ چاندي جي تخليق ان مقصد لاءِ تہ انهن کي پئسن جي جاءِ تي ڪم آندو وڃي.ٻي ڪنهن شيءِ۾ هي خاصيتون ٻئي هڪ هنڌ ڪونہ پئي لڌيون.

معاشري جي ان ٻئي ڏاڪي ۾ قديم زماني ۾ جيتوڻيڪ اصلي ڌنڌا ٿورا هئا پر جيئن تہ انساني گھرجون وڌنديون پئي رهيون تہ ڌنڌن ۽ ڪمائڻ جي مفهوم ۾ بہ

ڪشادگي ٿيندي وئي.ماڻهن جي گهرجن جي پورائي جا طريقا بہ بدلجي ويا.انڪري هر اهڙي محنت ڪي ماڻهو ڏنڌو چوڻ لڳا جنهن سان ماڻهن جي اجتماعي زندگي گذارڻ ۾ آساني پيدا ٿئي.ان ڪري سماج جي هر هڪ ماڻهو جو فرض آهي تہ ٻين ماڻهن ڪان جياپي جي ڊڪ ڊوڙ ۾ ڏار نہ رهي پر پنهنجي ۽ ٻين جي ضروريات زندگي حاصل ڪرڻ جي محنت ۾ هڪجهڙو ڀاڱي ڀائيوار رهي.ان لاءِ مضبوط قسم جي تنظيم ۽ جوڙجڪ جي ضرورت آڏو آئي.جنهن سان سماج جو ٽيون درجو نهي ٿو.

## ◈سماج جي ٽين منزل

سماج جي اها ٽين منزل ٻي منزل جو فطري نتيجو آهي جنهن ۾ سماج هڪ ڪشادي ۽ متحد نظام جي شڪل وٺندو آهي ۽ ان سان ئي حڪومت جو بنياد پوندو آه.مثال طور جڏهن هر ماڻهو جوڏنڌو ٻئي ڪان الڳ ٿي ويندو آهي ۽ ڪين هڪ ٻئي جي مدد جي گهڻي ضرورت پوي ٿي تہ ان وقت هڪ مضبوط سياسي نظام جي تمام گهڻِ ضرورت پوندي آهي.اهڙي مضبوط نظام ۽ حڪومت ڪي شاهہ صاحب جن ارتفاق ٽيون ياسماج جو ٽيون ڏاڪو قرار ڏئي ٿو.ان حڪمت جي باري ۾ شاهہ صاحب جن پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "البدور بازغہ"۾ جيڪا تشريح بيان ڪئي آهي اها هتي لکڻ نهايت مناسب آهي.

"بيشڪ جڏهن ماڻهو پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڏيتي ليتي ڪن ٿا تہ ان جي نتيجي ۾ واپار جي سامان جي مٽا سٽا جون ڪيتريون ئي صورتون پيدا ٿين ٿيون.ان سان هيءَ ڳالهہ پڌري پٽ سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ ماڻحن جي وچ ۾ مثلن هارين ۽ واپارين،ڪپڙڻ اٽندڙڻ ۽ ٻين جو پاڻ تعلق ۽ ٻڌي ملي ٿي.حقيقت هيءَ آهي تہ انهن ماڻهن جي هڪ ٻئي سان تعاون سان حڪومت جو ڻطام نهي ٿو.حقيقي حڪومت چوديواري ۽ ڪوٽن قلعن ۽ واپار جي مارڪيٽن جو نالو نہ آهي.جيڪڏهن ڪيترا شهر هڪ ٻئي جي پرپاسي ۾آهن ۽ انهن جي شهر واسين جي پاڻ ۾ ڏيتي ليتي جاري آهي تہ اها بہ هڪ حڪومت ئي چئبي.

## ◈سماج جي چوٿين منزل

شاهہ صاحب جن وٽ اها منزل شهري سياست جي هڪ شاخ آهي ۽ سماج جي اوسر دوران جيڪا بين الاقوامي حڪومت ٺهندي آهي.اها سماج جي چوٿين منزل آهي.اها هڪ اهڙي هيڪڙائي آهي جيڪا ڪيترن ايڪن (حڪومتن ،رياستن) سان گڏجي

جڙندي آهي.اصل هيءَ ڳالهه آهي تہ هر هڪ ملڪ ڏار ڏار حڪومت هجي ۽ هر هڪ جي آمدني جا ذريعا ،انهن جا خزانا ۽ سندن رکوال فوج الڳ الڳ هجي تہ انهن جي مختلف طبيعتن ۽ انهن جي الڳ الڳ لياقتن سبب انهن ۾ ظلم جو رواج پوندو آهي ۽ سنت راشده کي ڇڏي ڏيندا آهن ۽ هر ڪا حڪومت لالچ جي جذبي سبب ڇرپر ٻي حڪومت تي سوپ حاصل ڪرڻ جي تمنا رکندي آهي.مختلف حڪومتن جي ان روش سبب هڪ وڏي طاقتور نظام ۽ بين الاقوامي حڪومت جي ضرورت پيدا ٿيندي آهي جنهن ۾ اها صلاحيت هجي تہ سيني حڪومتن کي امن سان رکڻ لاءِ قابوءَ ۾ رکي.اها ضرورت هڪ وڏي خلافت جي شڪل ياهڪ بين الاقوامي حڪومت سان پوري ٿي ويندي آهي.

ارتفاق چوٿون يا سماج جي چوٿين درجي متعلق شاهه صاحب جي مٿين تحقيق مان معلوم ٿئي ٿو تہ رڳو هڪ امير جي فرمانبرداري مرڪزيت لاءِ تمامر ضروري آهي.هن دور جا نوجوان ان کي ضروري سمجهن نٿا سمجهن .ان سلسلي ۾ علامہ عبيد الله سنڌي رحہ جي طرفان ان مسئلي جي تشريح ٻڌائي وڃي ٿي .

استاد صاحب جن لکيو آهي تہ:

“اڄ ڪالهه جي سيسي نظامن ۾ اهل علم هڪ امير جي اطاعت کي مرڪزيت لاءِ ضروري نٿا سمجهن.انهن جي نظر ۾ ان شيءِ سان خرابيون پيدا ٿيڻ جا امڪان آهن.شاهه صاحب جن ان جو علاج ٻڌايو آهي تہ:“هڪ بورڊ(ڪميٽي) هجي جنهن جي ميمبرن جي هٿ ۾ الڳ الڳ اختيار هجن”مون کي جيتري خبر آهي تہ هڪ بہ مذهبي مولوي وٽ ان قسم جو فڪر ڪو نہ ٿو لبي.شاهه صاحب فرمائي ٿو تہ هڪ ڪامل رياست ۾ جنهن ۾ ڪيترائي فرد هوندا آهن.نظام قائم رکڻ لاءِ هڪ اهڙو ماڻهو هجڻ گهرجي جيڪو اڪيلو سيني

ڪمن جي پرگهور لهي ۽ اهو ئي “امام الحق” هوندو آهي.پر ان سان گڏ هي بہ لکيو اٿن تہ “وقلنا يوجد ذالک”معني اهڙو ماڻهو گهٽ ملندو آهي. تنهن ڪري گهٽو ڪري بہ ٽي ڪم هڪ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هوندا آهن ۽ باقي ٻيا ڪم ٻين ماڻهن وٽ هوندا آهن.

شخصي حڪومت بدران قوم جي دانشورن جي اها تجويز پارلياماني نظام جي شروعات ٿي سگهي ٿي.(ڪاش)ان پاسي تڏهن ڌيان ڏنو وڃي ها”

"اقترابات"جنهن مان مطلب الله تعالي جو قرب حاصل ڪرڻ جا ذريعا ۽"ارتفاقات"جنهن جو مطلب آهي معاشي ،سياسي ۽ اجتماعي فڪير ۽ سوچ شاهه صاحب وٽ انهن ٻنهي لاءِ اسلام سڌو رستو ٻڌائي ٿو.

اسلام قيصريت ۽ ڪسرويت کي ختم ڪري ارتفاقات ۾ وچٿري واٽ پيدا ڪئي.شاهه ولي الله صاحب جي حڪمت ۽ دانائي واري طبيعت جو هي خاص ڪمال آهي ته انهن هي ٻڌايو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي اچڻ جي مقصدن مان هڪ هي به هيو ته معاشي اڻبرابريءَ کي ختم ڪرڻ فرمائن

(ماهوار الرحيم اردو ص13 اپريل 1964ع)

## ◈ پيداوار جا ذريعا

سماج جي معاشي نظام جي بهتريءَ جو دارومدار پئداواري وسيلن تي آهي ۽ ان جو مکيه ذريعو زمين يا ٻني آهي.قرآن مجيد ۾ زمين جي باري آيل آهي ته:

"ولقد مکناکم في الارض وجعلنا لکم فيها معايش"(اعراف)

ترجمو:اسان توهان کي زمين تي حڪومت ڏني آهي ۽ توهان لاءِ زمين ۾ زندگيءَ جو سامان رکيو اٿئون.

شاهه ولي الله صاحب ڪمائڻ جي بنيادي وسيلن مان پوکي راهيءَ(زراعت) کي ايتري اهميت ڏني آهي جو جنهن به ملڪ ۾ ان جا وسيلا موجود نه هوندا ۽ ان کان بي پرواهي ڪئي وئي ته ان ملڪ جي حالت ڪڏهن به سڌري نه سگهندي. ان ملڪ جي تباهي لازمي آهي ڇاڪاڻ ته ڪچي مال جي پيداوار کان سواءِ واپار هلي ئي نه سگهندو ۽ نه وري هنر ۽ ڪاريگريون ئي ڪارائتيون ٿي سگهنديون.

جيئن شاهه صاحب جن فرمايو آهي ته:

"پوءِ جيڪڏهن (ڪنهن به) ملڪ جي رهواسين جي گهڻائي هنر ۽ ڪاريگري ۽ شهري سياست ۾ رڌل رهندي ۽ پوک ياما ل جي حفاظت ۽ پالنا ڏي ٿورا ماڻهو ڌيان ڏيندا ته انهن جي دنياوي شهري زندگي خراب ٿي پوندي." (اسلام کا اقتصادي نظام .مولانا حفظ الرحمان سيوهاروي ص 168)

حجت الله البالغہ ۾ شاه صاحب لکيو آهي ته:

"پوءِ جڏهن ڪنهن ملڪ جي رهواسين مان گهڻا ماڻهو ان قسم جي(بي فائدي)ڪمن ۾ لڳي ويندا آهن ته پوءِ واپار ۽ زراعت جهڙا ڪم ۽ هنر ڇڏي ڏيندا آهن ۽ جڏهن شهر جا رئيس ۽ امير معاش جي غلط طريقن تي خرچ ڪندا آهن تڏهن اهڙا ماڻهو شهريت جي انتظام ۽ ضرورتن کي تباهه ڪري ڇڏيندا آهن ۽ آهستي آهستي اهي خراب ڪم انهن لاءِ مصيبت جو سبب بنجي پوندا آهن جيڪي مکيہ ۽ ضروري ڪمن ۽ ڌنڌن ۾ مشغول آهن.مثلن پوک ،واپار ۽ هنر وغيره اهڙا (غير هنري) خراب ڪم ،پورهيتن ۽ ڌنڌوڙين لاءِ ڳرن ٽئڪسن جو سبب بنجي ويندا آهن.جيترو هڪ عضوي جي تڪليف ٻين عضون تائين پهچي ويندي آهي يا جيئن ڇتي ڪتي جي گگ وچڙندڙ هوندي آهي."

## ◈زميندارينظام

زمين جي پيداوار جي اهميت ڪانپوءِ زراعت جي شرعي اهميت به سمجهڻ ضروري آهي.

زراعت ٻن نمونن جي هلي رهي آهي هڪ هيءَ ته ماڻهو پنهنجي ٻني پاڻ آباد ڪري ٿو ۽ ٻيو هي ته پنهنجي ٻني ٻئي کي ٻنئي تي ڪاهڻ لاءِ ڏني وڃي.ان ٻي صورت کي شرعي اصطلاح ۾ مزارعت(ڪڙمت) چئبو آهي.ملڪ ۾ ان صورت جون جيڪي ظالمانہ حالتون جاري آهن.جنهن مطابق هاريءَ تي تمام گهڻا ظلم ڪيا ويندا آهن ۽ هاري زميندار جو هڪ وڪاڻل غلام بنجي ويندو آهي.ان صورت کي صحيح مڃڻ جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.باقي مزارعت جي اها صورت جيڪا اسلام جي پهرين صديءَ ۾ هلندڙ هئي ان جو حڪم به ٻڌو.

مسند امام ابو حنيفہ ۾"ڪتاب المزارعہ" ۾ ٻہ روايتون آنديون ويون آهن.هڪ حضرت جابر رضہ کان ۽ ٻي حضرت رافع بن خديجہ رضہ کان انهن ٻنهي روايتن ۾ زميندار ي کي ناجائز قرار ڏنو ويو آهي.حديثون ۽ انهن جو ترجمو اجهو هيٺ ڏجي ٿو:

"ابو حنيفہ عن ابي الزبير عن جابر رضہ قال نهي رسول الله صلي الله عليہ وسلم عن المخابرت"

ترجمو:ابو حنيفہ ابوالزبير جي واسطي سان حضرت جابر رضہ کان روايت ڪري ٿو ته رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن مخابرت کان منع ڪئي آهي.

مزارعت۽ مخابرت ٻئي هڪ جهڙي معني وارا لفظ آهن زمين ڪي ڪرائي(مسواڙ) تي ڏيڻ جون ٻه صورتون آهن

(الف)مزارعه:معني پيداوار جي ڪنهن حصي جي عيوض ۾ مثلن اڌ يا ٽهائي يا چوٿين پتي جي عيوض زمين ڪرائي تي ڏني وڃي ۽ ٻج زمين جي مالڪ جو هجي.

(ب)مخابره:ان ۾ به ساڳئي صورت هوندي آهي پر ان ۾ ٻج هاريءَ جو هوندو آهي.

زرعي زمين ڪرائي تي ڏيڻ جون اهي ٻئي صورتون امام ابو حنيفه رحه امام مالڪ ۽ امام شافعي وٽ ۽ ان قسم جي ٻين حديثن مطابق ناجائز آهن.

**ابو حنيفه عن ابي حصين عن رافع بن خديجه عن النبي صلي الله عليه وسلم انه مربحائط فاعجبه فقال لمن هذا؟ فقلته لي فقال من اين هو لک؟قلت استاجرته قال......الخ**

(حضرت امام ابو حنيفه ابي حصين جي واسطي سان حضرت رافع بن خديجه کان روايت ڪئي ته نبي صلي الله عليه وسلم جن هڪ باغ جي پرسان لنگهيا ۽ حضور جن کي اهو باغ ڏاڍو وڻيو پاڻ پڇيائون ته هي باغ ڪنهن جو آهي؟مون چيو ته هي منهنجو آهي پوءِ پاڻ فرمايائون ته تو هي ڪٿان آندو؟مون چيو ته مون ان کي ڪرائي تي ورتو آهي پاڻ فرمايائون ته ان باغ جي پيداوار جو ڪوبه حصو ڪرائي تي نه وٺجانءِ)

**وفي راويته ان النبي صلي الله عليه وسلم مربحائط فقال لمن هذا؟ فقلت لي و قد استاجرته فقال فلا تستاجر**

(۽ هڪ روايت ۾ هيئن آيل آهي ته نبي صلي الله عليه وسلم جن هڪ باغ وٽان لنگهيا ته پاڻ فرمايائون هي ڪنهن جو آهي؟(حضرت رافع فرمائي ٿو ته)مون چيو ته هي منهنجو آهي.۽ مون اهو ڪرائي تي ورتو آهي پاڻ فرمايائون ته ڪرائي تي نه وٺندو ڪر.

امام مسلم نيشاپوري پنهنجي ڪتاب صحيح مسلم ۾ حصرت جابر رضه واري روايت ڪيئي طرقا آندا آهن.ان مسئلي کي وڌيڪ چٽي ڪرڻ لاءِ ڪجهه ٻيون روايتون لکجن ٿيون.

**عن جابر بن عبدالله قال نهي رسول الله صلي الله عليه وسلم عن کراءِ الارض**

حضرت جابر بن عبدا لله کان روايت آهي ته رسول صلي الله عليه وسلم جن زمين کي ڪرائي تي ڏيڻ کان منع ڪئي آهي.

**عن جابر رضہ قال قال يا رسول الله صلي الله عليہ وسلم من ڪانت لہ الارض فليزرعها فان لم يزر عها اخاء**

حضرت جابر رضہ ڪان روايت آهي تہ فرمايو رسول صلي الله عليہ وسلم تہ جنهن وٽ زمين هجي تہ ان کي پاڻ آباد ڪري ۽ جيڪڏهن پاڻ پوک نٿو ڪري تہ پنهنجي ڀاءُ کي(بناعيوض) پوک لاءِ ڏئي ڇڏي.

حضرت جابر بن عبالله رضہ ڪان روايت آهي تہ رسول صلي الله عليہ وسلم جن جي صحابہ مان هڪ صحابي وٽ زمين هئي.حضور جن فرمايو تہ جيڪڏهن ڪنهن وٽ وڌيڪ زمين هجي تہ پاڻ ڪاهي ياپنهنجي ڀاءُ کي ڏئي ڇڏي.جيڪڏهن ايئن نہ ڪري سگهي تہ پنهنجيزمين پاڻ وٽ ئي جهلي ڇڏي(اهو هڪ قسم جو دڙڪو آهي)

**عن جابر رضہ قال قال رسول الله صلي الله عليہ وسلم من ڪانت لہ ارض فليزر عها فان لم يستطع ان يزرعها وان عجز عنها فليمنحها اخاه المسلم ولا يواجرها اياه**

حضرت جابر رضہ ڪان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن تہ جنهن وٽ زمين هجي تہ ان ۾ پاڻ پوک ڪاهي جيڪڏهن پاڻ پوک نٿو ڪاهي سگهي ۽ ڪاهڻ ڪان عاجز آهي تہ پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي اها زمين(مفت)ڏئي ڇڏي ۽ اها زمين ڪرائي تي نہ ڏئي.

## ◈ زمينداري امامن جي نظر ۾

زمين کي ٻٽئي تي ڏيڻ جي اها صورت جيڪا هن دور ۾ هلي پئي ان کي امام ابو حنيفہ،امام مالڪ ۽ امام شافعي ٽنهي وٽ ناجائز آهي .البتہ هڪ صورت اهڙي آهي جنهن کي جائز قرار ڏنو ويو آهي.اهاهيءَ تہ روڪ پئسا وٺي زمين ڪرائي تي يا ٺيڪي(مقطعي) تي ڏني وڃي.ان ۾ زمين جي پيداوار جي ورهاست نہ ٿيندي آهي.حضرت حسن بصري تہ ان کي بہ ناجائز قرار ڏنو آهي ۽ امام طائوس جي بہ اها راءِ آهي.جيئن امام نوويءَ صحيح مسلم جي شرح ۾ ان جو بيان ڪيو آهي.

امام مالڪ ان سلسلي ۾ هڪ روايت حضرت رافع بن خديجہ ڪان هن طرح آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن زمين کي ڪرائي تي ڏيڻ ڪان منع فرمائي



www.sindhsalamat.com

آهي.حنظله بن قيس جيڪو حضرت رافع رضه کان هي روايتڪري ٿو چوي ٿو ته مون حضرت رافع بن خديجه رضه کان پڇيو ته ڇا سون ۽ چانديءَ جي عيوض به زمين کي ڪرائي تي ڏيڻ ناجائز آهي؟حضرت رافع فرمايو ته ان ۾ ڪو به حرج ناهي(موطا ڪتاب المزارعه)

زمينداريءَ جي هلندڙ صورت کي امام محمد رحه ۽ امام ابو حنيفه رحه جي ٻن شاگردن امام ابو يوسف ۽ امام محمد رحه جائز قرار ڏنو آهي.مناسب آهي ته ان اختلاف جي هت ڪجهه ڇنڊڇاڻ ڪئي وڃي.

علامه سمرقندي(وفات 539هه)پنهنجي مشهور ڪتاب"تحفته العلماء" ۾ فرمايو آهي ته:

**"المزارعته عبارت عقد الزراعته ببعض الخارج وكذا المعامله هواجارت العامل ليعمل في كرمه واشجاره من السقي والحفظ ببعض الخارج فقال ابو حنيفهكلتا هما فاسدتان غير مشروعتين وقال ابو يوسف و محمد كلتا هما مشروعتان"(تحفته الفقهاء جلد 3 ص 442)**

ترجمو:مزارعت چئبو آهي زمين جي ٻٽئيءَ تي ڏيڻ کي ۽ اهو معاملو به ان طرح هجي جو ان زمين ۾ انگورن ۽ ٻين ميويدار وڻن جي حفاظت ۽ پاڻي ڏيڻ جي لاءِ مزدور ان ڪرايه جي بدلي ورتا ويندا آهن ۽ باغ جي ميونجو هڪ مقرر حصو ان کي ڏبو آهي.امام ابو حنيفه ٻنهي صورتن کي ناجائز ۽ غير شرعي ڪم قرار ڏئي ٿو ۽ امام ابو يوسف ۽ امام محمد جو قول آهي ته ٻئي صورتون جائز ۽ شرعي آهن.

ملڪ العلماء علامه ابوبڪر بن مسعود ڪاسانيءَ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "البدائع واصنائع" ۾ امام ابو حنيفه جي راءِ کي وڌيڪ پسند ڪيو آهي ۽ امام ابو يوسف ۽ امام محمد جي دليل جو جواب ڏنو آهي

علامه ڪاسانيءَ لکيو آهي ته امام ابو يوسف ۽ امام محمد مزارعت(ٻني ٻٽئي تي ڏيڻ) جي جائز هجڻ لاءِ خيبر وارين زمينن جو دليل ورتو آهي.جيڪي پيغمبر عليه السلام خيبر جي يهودين کي باغ مقاطعي تي ۽ زمينون ٻٽئيءَ تي ڏنيون هيون.سندن ان ڪم مان گهٽ ۾ گهٽ جائز هجڻ ته معلوم ٿي ويو ۽ ٻيو ته اڳينءَ پوين عالمن جو ان تي تعامل رهيو آهي ۽ ان جو انڪار به نه ٿيئي ڪيو اٿن.

امام ابو حنيفه جو هيئن چوڻ ته خيبر جو معاملو مزارعت(ڪڙمت)نه هيوپر هو ته جزيو(ڍل يا ٽيڪس) هيو جيڪو يهودين کان ورتو ويندو هو.ان کي مزارعت سمجهڻ صحيح نه آهي.ڇو ته حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن يهودين کي فرمايو هو ته "اقرڪم ما اقرڪم الله"يعني آئون تيسيتائين توهان کي ان زمين تي رکان ٿو جيسيتائين الله تعالي توهان کي رکندو"ان ۾ ته وقت ڄاڻايل ناهي ۽ ان معاملي لاءِ ڪو وقت مقرر نه آهي ان ڪري ان کي با الاتفاق(سيني عالمن وٽ)ناجائز آهي.

باقي اڳين پوين عالمن جي انڪار نه ڪرڻ سان به جائز لاءِ دليل نٿو وٺي سگهجي.ڇو ته ٿي سگهي ٿو ته اها ماٺ ان ڪري هئي جو اهو مسئلو به اجتهادي نوعيت جو هو.

## ◈اجتماعي نظام جي ڪيفيت

شاهه صاحب جي نظر ۾ فرد وانگر سڄي انسانيت جو نظامبه ٽن طرزن جوهوندو آهي.

1.ڪامل صحت

2.ناقص صحت

3.مرض مهلڪ

انساني صحت جي اصل تقاضا هيءَ آهي ته هو سٺي تندرستيءَ سان رهي.ان ۾ ڪا گڙ بڙ ٿئي ٿي ته (انساني اجتماع جي) صحت خراب ٿي پوندي آهي.ان حالت ۾ يا تندرستي اڻپوري رهندي آهي يا هڪ بچڙي

بيماري ان کي لڳي پوندي آهي.جيڪا نيٺ سماج کي تباهه ڪري ڇڏيندي آهي (ان سان گڏ هي به ڄاڻ گهرجي ته) ارتفاق جي پهرئين ڏاڪي کان ڪوبه ماڻهو خالي نٿو ٿي سگهي پوءِ ڪٽي جو نه هو جبلن جي چرن ۽ غارن ۾ رهندو هجي يا رڻن پٽن ۾ رهندو هجي.اهڙي طرح ارتفاق جي ٻئي ڏاڪي کان به گهڻا فرد بچي نٿا سگهن خاص طور تي وڏن شهرن ۾ رهندڙ ۽ مهذب ماڻهو ته ان ڏاڪي کي ضرور اپنائن ٿا.جيڪڏهن ڪنهن جاءِ تي اهو ارتفاق جو ٻيو ڏاڪو ڏسڻ ۾ نه اچي ته ان جو ڪارڻ اتي جي ماڻهن جي

طبيعتن جي ڪوتاهي هوندي ۽ ارتفاق جي ٽين منزل(قوميت) کي بہ الله تعالي ظاهر ڪندو رهندو آهي.

ان مختصر تمهيد کانپوءِ هي ڄاڻڻ ضروري آهي تہ انساني سماج جي صحت جو دارومدار مال ۽ ملڪيت جي انصاف واري ورهاست تي آهي.هي ٽئين ارتفاق ۾ جڏهن هڪ حڪومت(قومي رياست) نهي پوندي آهي تہ انجو بہ پهريون فرض ملڪيت کي انصاف سان ورهائڻ آهي.انبياءَ عليہ السلام تہ رڳو انسانن جي آخرت جي ڪاميابي لاءِ ايندا هئا پر انهن جي دعوت جو هڪ پاسو انسانيت جي دنياوي ڪاميابي بہ هيو.اهوئي سبب آهي جو حضرت يوسف عليہ السلام جي جڏهن مصر جي بادشاهہ جي سامهون پاڪدامني ۽ ايمانداري ثابت ٿي تڏهن پاڻ هي چئي وزير خزانہ جو عهدو ورتائون.

“قال اجعلني علي خزائن الارض اني حفظ عليم”

ترجمو:مون کي زمين جي خزاني جو محافظ بنايو ڇوتہ مان مال دولت ۾ حفاظت ۽ انصاف واري ورهاست کان باخبر آهيان.

حضرت ابراهيم عليہ السلام کان وٺي حضرت يوسف عليہ السلام تائين ان گهراڻي جي خوشحالي جو دارومدار مال چارڻ ۽ ڌڻن ڌارڻ تي هيو.ان ۾ هر قسم جي تعليم موجود آهي.مثلا مال جي ڀلائي جو خيال رکڻ ۽ اهڙيون تدبيرون اختيار ڪرڻ جن سان انهن جي پيدائش ۾ واڌارو ٿيندو رهي.ٻيو تہ حضرت يوسف عليہ السلام جي تعليم ۽ تربيت هڪ امير گهراڻي ۾ ٿي هئي.انڪري بہ هو ماليات جي ترقيءَ جي رازن رمزن کي وڌيڪ ڄاڻندو هو.انڪري بادشاهہ کي چيائين تہ مان(معاشي معاملي ۾) سني ڄاڻ رکندڙ آهيان.

شاهہ صاحب جي راءِ ۾ تہ جيترا بہ انبياءَ عليہ السلام آيا هئا.انهن سڀني جي نبوت ،الاهي تدبير جو هڪ حصو هوندي هئي.انسان ۽ انساني سماج کي مصيبتن کان بچائڻ لاءِ جيڪي طئي ٿيل الاهي تدبيرون آهن.نبوت جو هڪ جزو هيون.اهوئي سبب آهي جو تدبير الاهي انهن کي اختيار ڪندي آهي ۽ نبي سڀورا مبعوث ٿيندا آهن.۽ ان ضرورت کي آخري نبي حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن قرآن مجيد جهڙي ڪامل وحيءَ سان آسماني ڪتاب ۽ شريعت سڀوري کي قائم ڪري پورو ڪيو.

شاهہ صاحب جي اصطلاح“اقتراب”۽“ارتفاق” مان اصلي مقصد ۽ مراد انساني اجتماع جي فڪري وحدت ۽ اقتصادي اشتراڪ آهي.قرآن مجيد جي سوره روم ۾

فڪري وحدت جي خلاف ورزيءَ جي مذمت هنن لفظن ۾ بيان ڪئي وئي آهي."ان الذين فرقوا دينهم و ڪانو شيعا لست منهم في شيءِ (جن ماڻهن ٽولا ٽولا بنايا توهان جو انهن سان ڪوبہ تعلق ناهي(ڇو تہ اهي فڪري هيڪڙائي کي خراب ۽ برباد ڪري رهيا آهن)

ان آيت جي مضمون کي سمجهڻ لاءِ "اقيموالصلوات ولا تڪونو من المشرڪين"جي لفظن تي غور ڪيو يعني الله تعالي سان تعلق پيدا ڪريو ۽ نماز ان تعلق جو سڀ کان وڏو ذريعو آهي ۽ اهوئي "اقتراب" آهي يعني اهڙي جماعت پيداڪريو جنهن جو الله تعالي سان تعلق هجي.ولا تڪونو من المشرڪين جو مطلب هي ٿيندو تہ الله تعالي کانسواءِ پنهنجا پنهنجا سردار ناهي انهن کي نہ پوڄيو يعني انهن سرادرن جي حڪمن ۽ اشارن تي هلي فطرت الاهي کي نہ ڦيرايو.اهي سردار توهان کي پاڻ ۾ ويڙهائي فرقي بازي جو مرض پيدا ڪري ڇڏيندا.

ان لحاظ کان "من المشرڪين" مان مراد "من الذين فرقوا دينهم وڪانو شيعا"ٿيندي مطلب تہ اهي پنهنجي سردارن جي پاس خاطري ڪن ٿا ۽ ان فرقہ بازي جي هيءَ صورت ٿيندي تہ ڪن ماڻهن ،ماڻهن جي پيروي قبول ڪري انهن کي پنهنجو معبود ڪٽي بڻايو آهي ۽ انهن جا تابعدار ٿي هڪ فرقو ناهي ورتو ۽ بين ماڻهن وري ڪنهن ٻئي انسان کي پنهنجو سردار بنايو.فرقہ پرستي ايئن وڌندي رهي ۽ ايئن ڪرڻ فطرت جي خلاف آهي.هر سردار پنهنجي جماعت کي وڌائي ان کي ٻي جماعت سان ٽڪرائيندو آهي.انساني سماج پاڻ ۾ لڙڻ ،وڙهڻ ،رتو ڇاڻ ڪرڻ جي موڪل نٿو ڏئي.جڏهن انساني اجتماع يا گڏيل صورت پرزا پرزا ٿي ويندي آهي تہ پاڻ ۾ جنگيون ۽ رتو ڇاڻ ٿيندي آهي.جيڪڏهن سماج کي فطرت جي موافق رکڻو آهي تہ ان سماج جو ديني سردار رڳو هڪ ئي هجڻ گهرجي ۽ اهوآهي بہ هڪ ان سان هيءَ ڳالهہ صاف صاف سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ شرڪ انساني اجتماع واري فطرت جي خلاف آهي ۽ شرڪ ان معاشري کي ٻن حصن ۾ ورهائي ويڙهائي ٿيندو آهي.

انساني اجتماع جي لاءِ فڪري اتحاد کانپوءِ اقتصادي اشتراڪ ۽ مالي تعاون تمام ضروري آهي.ان سان انساني سماج مضبوط ٿيندو آهي.جيسين ڪنهن سماج ۾ ان جي پورائي نہ ٿيندي ۽ دولت جي ورهاست انصاف واتري ۽ مساوات تي ٻڌل نہ هوندي تہ اهو سماج وڏي بحران ۾ ڦاسي پوندو ۽ ان مان صحيح ڳالهيون جنم نہ وٺنديون ۽ نہ اهو صحيح طور تي ترقي ڪري سگهندو.

اقتصادي اشتراڪ يا پائيچاري رکڻ لاءِ جماعت جي هر ماڻهو جو فرض آهي ته اهو پنهنجي گهرج کان وڌيڪ مال و دولت اهڙي طرح ورهائي ڇڏي جو اول ته هن جي مٽن مائٽن جون گهرجون پوريون ٿين.۽ انهن کي حصي رسيءَ سان ڏئي ڇڏي.“فآت ذي القربي حقہ”آيت ۾ ان ڏانهن اشارو آهي.انڪانپوءِ قرآن مجيد ۾ “والمسڪين” فرمائي هي حڪم ڪيو ويو آهي ته مٽن مائٽن سان گڏ مسڪينن ۽ غريبن کي به پنهنجي مال ۾ پائيوار ڪريو.پوءِ “وابن السبيل” يعني مسافرن جو انلو آيو آهي ته ان کي به سندس حق ڏيو ۽ ان کي به پنهنجو پائيوار بنايو.هڪ خاندان کي ٻئي خاندان سان ۽ هڪ قوم کي ٻئي قوم سان ڳنڍڻ لاءِ مسافرن جي ضرورت پوندي آهي.سياحت ڪندڙ ماڻهو هميشہ قومن ۾ ايندا ويندا رهندا آهن ۽ هڪ سماج جي حالتن کان ٻين قومن کي آگاهہ ڪندا آهن.انڪري اهي به سماج جو هڪ فائديمند حصو آهن.سماج جو هر ماڻهو جڏهن مسافرن کي سندن گهرجن وقت ڪم اچي ٿو تڏهن انساني اجتماع ۽ سماج ۾ هڪ قسم جو پائيچارو پيدا ٿيندو آهي.هي هڪ اهڙو قانون قانون آهي جنهن سان انسان ۾ آهستي آهستي محبت ۽ مالي پائيچارو ۽ تعاون پيدا ٿيندو ويندو آهي.ان ريت انساني دماغ تي ڪنهن به قسم جو بار نہ پوندو آهي.

اسلام هڪ اهڙو اقتصادي نظام پيدا ڪيو آهي جڏهن ان تي عمل ٿيندو هو تڏهن هڪ مسلمان اسپين کان وٺي چين تائين پئسي پائي ڪٽڻ ڪانسواءِ سفر ڪري سگهندو هو.نوجوانن کي سندن طبيعت جي موافق جنهن به فن جو شوق پيدا ٿيندو هو ته ان جي سکڻ لاءِ بنا پئسي سفر ڪندا هئا.ان ريت نہ ته ڪنهن ماڻهوءَ تي بار پوندو هو ۽ نہ وري مسلمان مسافر مالي مدد وٺڻ ۾ پنهنجي گهٽتائي ۽ عار سمجهندو هو ۽ يورپ پنهنجي ترقي واري زماني ۾ به اهو روح پيدا ڪري نہ سگهيو.

افسوس آهي جو اهو اقتصادي پائيچارو ۽ تعاون آهستي آهستي مسلمانن مان نڪرندو ويو جنهن جي نتيجي ۾ مسلمان پنهنجي تحزيب جو ورثو ڇڏي تنزل ۽ غلاميءَ جي زندگي گذارڻ لڳا آهن.دنيا جي آباديءَ جا اڪثر نوجوان سوشلزم ڏي مائل آهن پر انهن جي روش ديناري جي نيڪ بختي کان پالهي آهي .ان حالت ۾ جيڪڏهن مسلمان نوجوان پنهنجي اقتصادي پائيچاري جي ورثي کي ٻيو دفعو هٿ ڪرڻ جي ٿوري به ڪوشش شروع ڪئي ته پوءِ ڪين ڪوبہ غلام نہ بنائي سگهندو.مسلمانن جي ڪنهن به جماعت يا قوم ۾ جيڪڏهن اهو ڪم شروع ٿي ويو ته اميد آهي ته مسلمانن جون ٻيون قومون به ان ۾ جلدي پائيوار ٿي پونديون ۽ هڪ اهڙو زبردست بين الاقوامي اسلامي مرڪز بنجي ويندو جنهن جو مقابلو دنيا جي ڪاب ه طاقت نہ ڪري سگهندي.



www.sindhsalamat.com

# اجتماعي اخلاق ۽ معاشيات

انسانيت جا اجتماعي اخلاق ان وقت بلڪل تباھ ٿي ويندا آھن جڏھن ڪنھن طاقت يا ڏاڍ ذريعي ڪين اقتصادي بدحاليءَ تي مجبور ڪيو ويندو آھي.ان صورت ۾ انسان انسان نہ رھندا آھن بلڪ ڍورن وانگر بڻ ٽڪن جي سڪل ٽڪرن لاءِ تڪليفون برداشت ڪندا آھن.جڏھن انسان مصيبتن جي ان منزل تي پھچندو آھي تہ الله تعالي ڪين نجات ڏيارڻ لاءِ پنھنجي ڪنھن ٻانھي جي دل ۾ الھام ذريعي ھيءَ تجويز وجھندو آھي(تہ ان نظام کي بدلايو وڃي) فرعون ،قيصر و ڪسريٰ جو خاتمو ٻھاھڙي ئي ھڪ الھام جو صريح نتيجو ھيو.(حجتہ الله البالغہ جلد پھريون ص 106)



www.sindhsalamat.com

# ضميمو

## امام شاھ ولي الله جا اقتصادي ۽ سياسي اصول

سهڙيندڙ:مولانا محمد ميان رحہ

سنڌ سلامت

1.دولت جو اصل بنياد محنت آهي.مزدور ۽ هاري ڪمائيندڙ قوت آهن.باهمي تعاون مدنيت(شهري زندگي) جو روح روان آهي.جيڪو ماڻهو جيسيتائين ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪم نہ ڪري ملڪ جي دولت ۾ ان جو ڪوبہ حصو ناهي.(حجتہ الله البالغہ باب سياست المدينہ )

2.جوا ،ستي ۽ عياشي جا اڏا ختم ڪيا وڃن جن جي موجودگي ۾ دولت جي ورهاڱي جو صحيح نظام قائم تي نہ سگهندو.عياشي جي اڏن جي ڪري قوم ۽ ملڪ جي دولت ۾ واڌارو تہ چا پر دولت ملڪ جي گهٽائي وارن جي ڪيسن مان نڪري ٿورڙن ماڻهن جي تجوڙين ۾ گڏٿي ويندي.(حجتہ الله البالغہ باب ابتغاء الرزق)

3.مزدور ،هاري ۽ جيڪي ماڻهو ملڪ ۽ قوم لاءِ دماغي ڪم ڪن.دولت جا اصل حقدار آهن.انهن جي ترقي ۽ خوشحالي ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي آهي جيڪو بہ نظام حڪومت انهن حقدار قوتن کي دٻائي يا ڪمزور ڪري يا محروم ڪري تہ اهڙو نظام ملڪ لاءِ خطري جو سبب ٿيندو ۽ اهڙي نظام کي ختم ڪرڻ گهرجي.(حجتہ الله البالغہ باب ابتغاء الرزق)

4.جيڪو بہ سماج محنت اجورو ادا نہ ڪري مزدورن ۽ هارين تي ڳرو ٽيڪس لڳائي اهو قوم جو دشمن آهي انکي ختم ڪرڻ گهرجي.(حجتہ الله البالغہ سيست المدينہ ۽ باب الرسوم السائره بين الناس)

5.حاجت مند مزدور جو اجرت تي راضي ٿيڻ اعتبار لائق ناهي جيسيتائين ان جي محنت جي ايتري مزدوري يا قيمت ادا نہ ڪئي وڃي جيتري امداد باهمي جي اصولن مطابق

لازم نہ ٿئي ٿي.(ڇو تہ حاجتمند ماڻهو مجبوري سبب ٿوري تي بہ راضي ٿي ويندو آهي انڪري ڪنهن جي مجبوري جو فائدو بہ وٺڻ نہ گهرجي.)

6.ڪم جا وپقت محدود ڪرڻ گهرجن پورهيتن کي اترو وقت ملڻ گهرجي جنهن سان هو اخلاقي ۽ روحاني سڌارو ڪري سگهن ۽ انهن ۾ آئيندي جي باري ۾ غورۓ فڪر جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.

7.باهمي تعاون جو وڏو ذريعو واپار آهي.انڪري ان کي تعاون جي اصولن تي جاري رهڻ گهرجي پوءِ جهڙي نموني واپار ين لاءِ هي جائز ناهي تہ هو بليڪ مارڪيٽ ياغلط قسم جي گوءِ سان تعاون واري روح کي نقصان پهچائين.اهڙي نموني حڪومت لاءِ بہ هي صحيح ناهي تہ ڳرا ٽيڪس هڻي واپار جي واڌاري ۾ رڪاوٽ ۽ رخنو وجهي(حجتہ الله البالغہ باب البيوع المنهي عنها)

8.اهو ڪاروبار جيڪو دولت جي هير ڦير کي ڪنهن خاص طبقي ۾ بند رکي ملڪ لاءِ تباهہ ڪندڙ آهي.

9.اهو شاهي نظام زندگي جنهن ۾ چند ماڻهن يا چند خاندانن جي عيش عشرت سبب دولت جي صحيح ورهاست ۾ خلل ٿئي اهو ان لائق آهي تہ ان کي جلد از جلد ختم ڪري عوام جي مصيبت ختم ڪئي وجي ۽ انهن کي مساواتي نظام زندگي جو موقعو ڏنو وڃي.

سياست ۽ نظام حڪومت جا بنيادي اصول

1.زمين جو حقيقي مالڪ الله آهي (۽ ظاهري انتظام جي لحاظ سان رياست)ملڪ جي رهواسين جي حيثيت اها آهي جيڪا ڪنهن مسافرخاني ۾ رهندڙن جي هوندي آهي.ملڪيت جو مطلب هي آهي تہ ان جي نفعي وٺڻ واري حق ۾ ٻئي جي دخل اندازي قانوني طور منسوخ هجي

.2.سڀ انسان برابر آهن ڪنهن کي بہ هي حق نٿو پهچي تہ هو پاڻ کي ملڪ جو مالڪ بادشاهہ قوم جو مالڪ يا انسانن کي غلام ۽ ملڪيت قرار ڏيئي.انهن جو پاڻ کي مالڪ تصور ڪري ۽ نہ وري ڪنهن کي هي بہ حق ٿو پهچي تہ اهو ڪنهن اقتدار واري حڪمران لاءِ اهڙا لفظ يا لقب استعمال ڪري.(منصب امامت از مولانا شاهہ محمد اسماعيل رحہ)



www.sindhsalamat.com

3.رياست جي سربراهه جي حيثيت اها آهي جيڪا ڪنهن وقف جي متولي(سنڀاليندڙ) جي.متولي جيڪڏهن ضرورتمند هجي ته ايتري پگهار کڻي سگهي ٿو جيتري سان ملڪ جو عام شهري زندگي گذاري سگهندو هجي.

(ازالته الخلفاء جلد2 عهد فاروق اعظم)

## بنيادي حق:

(1)ڪاڌو ،لٽو ،اجهو ۽ اهڙي سگهه جنهن سان نڪاح ڪري سگهيءِ ٻارن جي تعليم ۽ پرورش ڪري سگهي بنا لحاظ مذهب ۽ نسل جي اهو هر انسان جو هڪ جهڙو ۽ هڪ جيترو پيدائشي حق آهي.

(2)اهڙي نموني مذهب ،نسل يا رنگ جي ڪنهن تفاوت ڪانسواءِ عام ملڪي رهواسين جي معاملن ۾ هڪجهڙائي سان عدل ۽ انصاف انهن جي جان ۽ مال جي حفاظت ،انهن جي عزت ۽ ناموس جي حفاظت حق ملڪيت ۾ آزاد ۽ شهري حقن ۾ هڪجهڙائي ملڪ جي هر شهري جو حق آهي.

3.زبان ۽ تهذيب جو زنده رکڻ هر قوم جو بنيادي حق آهي.

## بين الاقوامي تحفظات

(1) بين الاقوامي حقن حاصل ڪرڻ جي شڪل هيءَ آهي ته خود مختيار علائقا ناهيا وڃن.اهي خود مختيار اڪيون يا علائقا پنهنجي معاملن ۾ آزاد هوندا ۽ هر هڪ اڪائي يا علائقي ۾ ايتري طاقت هجڻ ضروري آهي ته هو پاڻ جهڙي يونٽ جي اڳرائين جو مقابلو ڪري سگهي ۽ اهي سڀ اڪايون هڪ اهڙي بين الاقوامي نظام(بلاڪ) ۾ ڳنڍيل هجن جيڪو طاقت جي لحاظ سان اقتدار اعلي جو مالڪ هجي.انڪي هي حق نه هوندو ته ڪنهن مخصوص مذهب يا مخصوص تحزيب جي ڪنهن ميمبر يونٽ کي زير بار ڪري سگهي.هائو پر ان تي هي فرض ضرور آهي ته ڪنهن قوم يا يونٽ کي هي موقعو نه ڏيئي ته ڪنهن ٻي قوم جي مذهب يا تهذيب تي حملو ڪري سگهي.

## مذهبيات

(1)دين ۾ سچائي جو اصل بنياد هڪڙو آهي انکي پيش ڪرڻ وارا هڪ سلسلي جون ڪڙيون آهن.

(2)حق ۽ سچ جي داعي هر ملڪ ۽ قوم ۾ گذريا آهن انهن سڀن جو احترام ضروري آهي.

(3)سچائي ۽ دين جا بنيادي اصول لڳ ڀڳ سڀن فرقن ۾ مجيل آهن مثال طور پنهنجي پروردگار جي عبادت ، انهيءَ جي نالي نذر نياز ،صدقو،خيرات ۽ روزو وغيره اهي سڀ ڪم سڀن وٽ پسند ڪيل آهين پر عملي صورتن ۾ اختلاف آهي.

(4)ساري مهذب دنيا جا سماجي اصول ۽ انهن جو مول متو هڪ آهي.مثال طور هر هڪ مذهب ۽ فرقي ،جنسي بي راهه روي کي ناپسند اخلاقي ڏوهه قرار ڏنو آهي.جنسي لاڳاپن لاءِ مرد ۽ عورت ۾ معاهدو هر هڪ فرقي ۾ ضروري آهي.البت معاهدي جون صورتون مختلف آهن.اهڙي نموني هر هڪ فرقو پنهنجي مردي کي نظرن کان گم ڪرڻ ضروري سمجهي ٿو.اختلاف هن ۾ آهي ته زمين ۾ پوري نظرن کان گم ڪجي يا باهه ۾ ساڙجي.

(5) جهاد هڪ مقدس فرض آهي انجي معني هي آهي ته مقدس اصولن لاءِ انسانپاڻ کي قربان ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪري ايتري تائين جو پنهنجي هستي انهن اصولن لاءِ فنا ڪري ڇڏي.

(تحريڪ شيخ الهند از مولانا محمد ميان تان ورتل)

## فرقيواريت جو خاتمو

تنهنجي متعلق(شاهه صاحب بابت) الله تعالي جو ارادو هي آهي ته هو تنهنجي ذريعي امت مرحومه جي ٽڙيل پکڙيل جزن(فرقن)کي گڏ ڪري تنهنڪري هي جيڪا چوٽي آهي ته صديق تيسيتائين صديق نٿو ٿي سگهي جيسيتائين هڪ هزار صديق ڪيس زنديق نه چون توکي ان شيءِ کان بچڻ گهرجي.ان سان گڏ وگڏ تنهنجي لاءِ هي به ضروري آهي ته


www.sindhsalamat.com

فروعي ڳالهين ۾ پنهنجي قوم جي هرگز مخالفت نہ ڪر چاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ خانداني ارادي جي خلاف آهي(فيوض الحرمين

## نيڪي جا بهترين عمل

اجتماعيت پسند ماڻهن تي فرض آهي تہ هو حق جي پچار ڪرڻ ۽ ان کي نافذ ڪرڻ ۽ باطل جو زور ٽوڙڻ ۽ ان جو نفاذ روڪڻ ۾ پنهنجي پوري ڪوشش ڪن.اڪثر ڪري اهي ڪم ممڪن نٿي سگهندا آهن جيسيتائين انهن لاءِ سموري سگهہ سان نشر واشاعت نہ ڪئي وڃي ۽ ان جي خاطر قتال نہ ڪيو وڃي.انهيءَ ڪري ئي اهي سڀ ڪم نيڪيءَ جا بهترين عمل شمار ٿين ٿا.

## شريعت جا ٻہ درجا

شريعت جا ٻہ درجا آهن پهريون درجو ۽ مرتبو هي آهي تہ اصل فرضن تي عمل ڪرڻ جيڪي شيون قطعي حرام آهن.انهن کان بچڻ.اسلام جي شعائر کي(دنيا ۾ غالب ۽)قائم ڪرڻ شريعت جو هي درجو سمورن ماڻهن لاءِ تمام ضروري آهي.پوءِ انهن جو تعلق شهر ۾ رهندڙن سان هجي يا ڏورانهين عالئقن جي رهاڪن سان هجي.انهن جو تعلق بادشاهن حڪمرانن ۽ مجاهدن سان هجي يا هارين صنعتڪارن ۽ واپارين سان هجي.دين جو هي درجو انتهائي سولو ۽ سادو آهي.ان ۾ ڪابہ سختي يا شدت جي ڳالهہ ڪونهي.دين ۽ شريعت جو ٻيو درجو ۽ مرتبو هي آهي تہ جيڪو انسان ان مرتبي کي حاصل ڪري وٺندو آهي اهو تمام گهڻو سنت تي عمل ڪندڙ ،عبادت گذار ۽ نيڪ پارسا شمار ٿيندو آهي.ان درجي ۾ سموريون سنتون ۽ آداب شامل آهن ۽ اهڙيون تقوي ۽ پرهيزگاري جون ڳالهيون جيڪي پاڻ سڳورن يا سلف صالحين کان نقل آهن يا نقل ٿيل ڳالهين تي قياس ڪرڻ وڏيڪ پرهيزگاريءَ جون ڳالهيون ڪييون ويون آهن.اهڙيون سموريون ڳالهيون بہ هن درجي ۾ شامل آهن.

شريعت جي انهن ٻنهي مرتبن ۽ درجن ۾ وڏو فرق آهي ۽ ان فرق کي نظر انداز ڪرڻ انتهائي جهالت ۽ بيوقوفي آهي ۽ ان فرق جو لحاظ نہ رکڻ ڪري ئي عام طور تي علماءَ ۾ اختلاف ٿيا آهن.

هيءَ ڳالهہ مناسب ناهي تہ جيڪي ماڻهو پنهنجي معاش جي حصول ۾ مشغول آهن.ڪين شريعت جي پهرئين درجي کان واڌاري دين تي هلڻ جو حڪم ڏنو وڃي.خاص

طور تي اهڙا ماڻهو جن جو تعلق هارين ،هنرمندن ۽ صنعت جي ڌنڌي سان آهي.چاڪاڻ تہ جيلڏهن ڪين شريعت جي ٻئين درجي تي عمل ڪرڻ لاءِ چئجي تہ ان صورت ۾ اهڙن ماڻهن لاءِ شريعت تي عمل ڪرڻ انتهائي ڏکيو ٿي پوندو.نتيجو هي ٿيندو تہ شريعت جو حڪم منجهن کان ٿي ڇڏائجي ويندو ۽ ان حڪم کان ڪين نفرت پيدا ٿي پوندي ۽ اهڙيءَ ريت شريعت جي ٻئي درجي جو حڪم ڏيندڙ ان تنبيهہ جي ضمن ۾ اچي ويندو.جنهن ۾ پاڻ سڳورن ارشاد فرمايو آهي تہ "ان منڪم منفرين يعني توهان مان اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي ماڻهن کي دين کان نفرت ڏيارين ٿا.

حالانڪہ قرآن سنت ۾ خاص ماڻهن جي ڀيٽ ۾ عام ماڻهن جي حالت جي وڌيڪ رعايت رکي وئي آهي ۽ هيءَ ڳالهہ مناسب بہ ناهي تہ عام ماڻهن کي پڙهائيندڙ علمن ۾ صوفين جا مخصوص علم ۽ فلسفي جا انتهائي دقيق علم شامل ڪيا وڃن.بلڪہ انهن تي فقط اهو واجب آهي تہ جيڪو ڪجهہ قرآن سنت مان ظاهري طور تي سمجهہ ۾ آيو ان تي اڪتفا ڪن.


www.sindhsalamat.com

## امام شاهہ ولي الله جو فڪر

جيڪڏهن ماڻهوغور ۽ فڪر سان شريعت سان شريعت بابت منهنجو تفسير(۽ تشريحون)پڙهن تہ پليءَ پت ڄاڻي وٺندا تہ اهو عقل ،نقل ۽ رجحان تي بلڪل پورو لهي ٿو ۽ ان سان گڏ باهمي اختلافن لاءِ ذري جيتري بہ گنجائش نٿي رهي.(تفهيمات الاهيہ جلد پهريون ص 83)

## نبوت جا پهلو

نبوت جا ٻہ پهلو آهن پهريون الله تعالي ڪان سڌو سنئون علم جو فيض حاصل ڪرڻ ۽ ٻيو ان حاصل ٿيل علم جي انسان ذات ۾ مناسب پرچار ڪرڻ آهي.جيسيتائين الله تعالي ڪان علم حاصل ڪرڻ جو تعلق آهي تہ هيءُ مرتبو فقط اڪيلي نبي جو ئي حق آهي.باقي رهيو ان علم جي پرچار ۽ اشاعت جو معاملو تہ اهو سهڻي طريقي سان فقط سياست تنظيم ۽ هم آهنگي پيدا ڪرڻ سان ئي حاصل ڪريسگهجي ٿو.ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اهي وصفون پاڻ سڳورن صہ جي زماني ۾ ۽ ڪانئن پوءِ وڌ ۾ وڌ حصرت ابوبڪر رضہ۽ حضرت عمر رضہ ۾ موجود هيون.(حجتہ الله البالغہ جلد ٻيون ص 215)

***پورو ٿيو***

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌي ڪتابن جي سڀ کان وڏي ڊجيٽل لائيبرري



www.sindhsalamat.com